اوم شري پرماتمني نَمَهَ
اَٿ چترٿوڏيايَهَ

اڌياءَ ٽئين ۾ يوگيشور ڪرشن دلاسو ڏنو هو تہ دوش درشٽي ڪان پري ٿي جو بہ منش شرڌا سان ڀرپور ٿي منهنجي مَت جي انوسار ملندو، اُهو ڪرمن جي ٻنڌن ڪان چڱيءَ طرح مڪت ٿي ويندو. ڪرم ٻنڌن ڪان مڪتي ڏيارڻ جي شڪتي يوگ (گيان يوگ يا ڪرم يوگ ٻنهي) ۾ آهي. يوگ ۾ ئي يڌ ۾ گهڙڻ ٻڌايل آهي. لڪيل آهي. هن هلندڙ اڌياءَ ۾ هو ٻڌائين ٿا تہ هن يوگ جو اصل ڪندڙ ڪير آهي؟ هنجو سلسليوار وڪاس ڪيئن ٿو ٿئي.

श्रीभगवानुवाच

इमं विवस्वते योगं प्रोक्तवानहमव्ययम्।

विवस्वान्मनवे प्राह मनुरिक्ष्वाकवेऽब्रवीत्।।१।।

شري ڀڳوان واچ

اِمَم وِوَسوَتي يوگَم پروڪتوانهَموِيَيَم

وِوَسوانمَنوي پراهہ منوُرڪشواڪوِبروِيت (١)

ارجن! مون هن اوناشي يوگ کي ڪلپ ڪان اڳ (آدي) ۾ وِوَسوان (سوريہ) کي چيو، ٻڌايو، وِوَسوان منوءَ کي ۽ منوءَ اِڪشواڪو کي ٻڌايو. ڪنهن چيو؟ مون. شري ڪرشن ڪير هو؟ هڪ يوگي. تَتوَ اسٿت مهاپرش ئي هن اوناشي يوگ کي ڪلپ جي شروعات ۾ معنيٰ ڀڄن جي آرنڀ ۾ وِوَسوان معنيٰ مجبور آهن، اهڙن پراڻين کي ٻڌائي ٿو. ديوتائن ۾ چرپر ڪري ٿو. هتي سورج هڪ نشان آهي، سمبل آهي، ڇاڪاڻ تہ ديوتائن ۾ ئي اهو پرم پرڪاش سوروپ آهي ۽ اُهيئي اُن کي پائڻ لاءِ يوگيہ آهن، اصل ۾ پرڪاش داتا (سوريہ) اهوئي آهي.

هيءُ يوگہ اوناشي آهي. شري ڪرشن چيو هو. آرنڀ جو ناس نہ ٿيندو. هن يوگہ جي شروعات ڪريون نہ هيءَ پورٽِنو ڏياري ٿي شانت ٿيندو آهي. شرير جو علاج دوائن دوارا ن ٿيندو آهي؛ پر آتما جو ڀڄن سان ٿيندو آهي ڀڄن جي شروعات ٿي آتم-ڪلپ جو آدي آهي. هيءُ ساڌن ڀڄن بہ ڪنهن مهاپرش جي دين آهي. موهہ راتريءَ ۾ بيهوش آدم-مانوَ، جنهن ۾ ڀڄن جو ڪو سنسڪار نہ آهي،يوگہ جي باري ۾ جنهن ڪڏهن سوچيو بہ ڪونهي، اهڙو منش ڪنهن مهاپرش کي ڏسندو آهي تہ اُنجي درشن ڪرڻ سان، اُن جي واڻيءَ سان جهڙي تهڙي شيوا ۽ سنگہ َسان يوگہ جا سنسڪار اُن ۾ گ هڙي ويندا آهن. گوسوامي تلسيداس جي ان کي چوي ٿو ” جي چِتَيي پرٿو جِنَهہ پريو هيري،“ ” تي سَبَ يَيي پرم پد جوگوُ،“ (رام چرت مانس (٢-١-١٦-٢-٢)

شري ڪرشن چون ٿا تہ يوگہ مون شروع ۾ سورج کي چيو،” چِڪشوهہ سوُريو اجايَت“ مهاپرش جي درشٽي ديا جي ٿوري ٿي نگاهہ سان يوگہ جا سنسڪار ديوتائن ۾ پرسارت ٿي وڃن ٿا. سويم پرڪاش، سِوَوَش پرميشور جو نواس سڀ ڪنهن جي هردي ۾ آهي، ديوتائون سواس کي روڪڻ سان ٿي اُنجي پراپتي جو وِڌان آهي. ديوتائن ۾ سنسڪارن جو سرجڻ ٿي سوريہ لاءِ چوڏو آهي. وقت اچڻ تي اهو سنسڪار من ۾ جاڳندو، اُتساهہ ٿيندو، اهوئي سورج جو من کي چوڻ آهي. من ۾ اُتساهہ هئڻ تي مهاپرش جي اُن جملي، واڪيہ جي لاءِ اڇا جاڳرت ٿي ويندي. جيڪڏهن من ۾ ڪا ڳالهہ آهي تہ اُن کي پائڻ جي اڇا ضرور ٿيندي، اهوئي منوُ جو اڪشواڪو کي چوڻ هو. چاهہ ٿيندي تہ اُهي نيمت، مڃيل ڪرم ڪريون جو اوناشي آهي. جيڪو ڪرم ٻنڌن کان موڪش ڏياري ٿو. ائين ٿي ڪيو وڃي ۽ آراڌنا تيز رفتار

پڪڙي ٿي وٺي. رفتار پڪڙي هيءُ يوگ ڪٿي ٿو پهچي؟ ان تي چون ٿا:-

एवं परम्पराप्राप्तमिमं राजर्षयो विदु:।
स कालेनेह महता योगो नष्ट: परन्तप ।।२।।

”ايوَمِ پَرمَپرا پراپت مِمَمِ راجَرشيو وِدُهَہ
سَ ڪالينيهَہ مَهَتايوگو نَشٽَهَہ پَرنِتَپَ (٢)

ان طرح ڪنهن مهاپرش دوارا ن ديوتا ۾، ديوتا ڪان من ۾، من مان اڇا ۾ ۽ اڇا تيوِرَتي ڪرياتمڪ آچرڻ ۾ ڍلجي هيءُ يوگ سلسليوار ترقي ڪنديڪندي راجرشي شريٺي تائين پهچي ويندو آهي، ان اوستا ۾ وڃي خبر پوندي آهي. هن ليول تي ساڌڪ ۾ رڌين سِڌين جو پرويش ٿئي ٿو. اُهو يوگ هن مَهتو پورڻ ڪال ۾ هن لوڪ (شرير) ۾ گهٽو ڪري نشت ٿي ويندو آهي. هن حد ريکا کي ڪيئن پار ڪيو وڃي؟ ڇا هن خاص هنڌ تي پهچي سڀ نشت ٿي وڃن ٿا؟ شري ڪرشن چون ٿا: نہ، جو منهنجي آڌار تي آهي، منهنجو پيارو ڀڳت آهي، اننيہ متر آهي جو ٻئي ڪنهن ۾ لڳل ڪونهي، اُهو نشت نٿو ٿئي.

स एवायं मया तेऽद्य योग: प्रोक्त: पुरातन:।
भक्तोऽसि मे सखा चेति रहस्यं ह्येतदुत्तमम् ।।३।।

”سَ ايوايَمِ ميا تي دِيہَ يوگَہ پروِڪتَهَہ پُراتنَهَہ
ڀَڪتوسِي مي سکا چيتي رَهَسيَمِ هِيوتدُتِتَمَمِ (٣)

اهوئي پُراتن يوگ مون تنهنجي لاءِ ورنن ڪيو آهي، ڇو تہ تون منهنجو ڀڳت ۽ متر آهين ۽ هيءُ يوگ اُتم ۽ رهسيہ پورڻ آهي. ارجن کتري شريٺيءَ جو ساڌڪ هو، راجرشي جي اوستا وارو هو جتي رڌين سڌين جي لهرن ۾ ساڌڪ نشت ٿي ويندو آهي. هن وقت ۾ ئي يوگ ڪلياڻ جي مُدرا ۾ ئي آهي؛ پر گهٽو ڪري ساڌڪ اتي پهچي لڙکڙائي ٿو. اهڙو اوناشي

پر ڳجھه پريو يوڳه شري ڪرشن ارجن کي ٻڌايو، ڇاڪاڻ نشت ٿيڻ جي اوسٿا ۾ ارجن هئو ئي. ڇا ڇيائين؟ ان ڪري جو تون منهنجو ڀڳت آهين اننيه ڀاوَ سان منهنجي شرن ۾ آهين، پيارو آهين، متر آهين.

اڏياءِ جي شروع ۾ شري ڪرشن ڀڳوان ٻڌايو ته هن اوناشي يوڳه کي ڪلپ کان به پهرين مون سوريه کي ٻڌايو هو، سوريه کان مَنوءِ کي هيءَ گيتا پراپت ٿي هئي. منوءَ پنهنجي انهي سمرتي (يادداشت) ۾ گڏ ڪيو. منوءَ کان هيءَ سمرتي اڪشواڪو کي ملي جنهن کي راڄ رشين ڄاتو، پر هن مهتو پورڻ وقت کان اهو يوڳه لپت (لڪي) ٿي ويو هو. اُن پراتن سمرتي گيان ڀڳوان ارجن کي ٻڌايو ، مطلب ته منوءَ کي جنهن گيان جي پراپتي ٿي هئي اُهو هيءَ گيتا آهي. منوءَ کي اهوئي وراثت ۾ مليو هو. ان ڪانسواءِ ڪهڙي سمرتي کي ڪو ڌارڻ ڪري. گيتا گيان شِروَڻ ڪان پوءِ ڪهڙي سمرتي کي ڌارڻ ڪري گيتا گيان ٻڌڻ کان پوءِ ارڙهين اڏياءِ جي پڇاڙيءَ ۾ ارجن چيو ته مونکي يادگيري پراپت ٿي آهي، جيئن منوءَ کي پراپت ٿي هئي. اصل ۾ هيءَ شريمد ڀڳود گيتا ئي پوتر، تمام خاص منو سمرتي آهي.

جنهن پرماتما جي اسان کي چاهه آهي، اُهو (سدگرو) پرماتما آتما سان ملي تڏهن اُپديش ڏيڻ لڳو، راهه ڏيکارڻ لڳي، تڏهن سچو ڀڄو ڀڄن شروع ٿئي ٿو. هتي راهه ڏيکاريندڙ جي اوسٿا ۾ پرماتما ۽ سَدِگرو هڪ ٻئي جا پوروڪ آهن. جنهن ڏاکي تي اسين بينا آهيون، اُن راهه تي جڏهن پريو پاڻ هرديه ۾ نواس ڪري روڪ ٿام ڪرڻ لڳي. ڊگمگائڻ وقت سنڀالي، تڏهن من وس ۾ ايندو آهي.

”مَن بَس هوءِ تبهين، جب پريرڪ پريو برَجي“ (ونيه پترڪا، ٨٩. جيستائين اشتديو سارٿي ٿي، آتما سان ملي

هڪ ٿي اُپديشڪ جي روپ ۾ نٿو بيهي، تيستائين صحيح ماترا ۾ پرويش نٿو ٿئي. اُهو ساڌڪ پائڻ جي اڇا رکڻ وارو ضرور آهي، پر يڳن هن وٽ ڪٿي؟

پوڄيه گروديو چوندا هئا: ”هو! اسين ڪيترا پيرا نشت ٿيندي ٿيندي بچي وياسين. ڀڳوان ئي بچائي ورتو. ڀڳوان اهڙو سمجهايو، هيئن چيو، اسان پڇيو ”مهاراج جي ! ڇا ڀڳوان به ڳالهائيندو آهي، بات چيت ڪندو آهي؟“ چيائون ” ها! هو ڀڳوان اهڙو باتوني آهي جهڙا اسين توهين باتوني، ڪلاڪن تائين ڳالهائڻ ۽ سلسلو به نه ٽٽي.“ اسين اُداسي ٿياسين ۽ عجب به لڳو ته ڀڳوان ڪيئن ڳالهائيندو هوندو، هيءَ ته بلڪل نئين ڳالهه آهي. ڪجهه دير کان پوءِ مهاراج جي چيو، ”ڇو گهبرائٽو آهي! توسان به ڳالهائين ٿا.“ هننجو ڪٿن اکر اکر سچو هو ۽ اهوئي سکيه پاوُ آهي. سکا، متر وانگر هو پري ڪندو رهيو، تڏهن ته نشت ٿيڻ واري استٿي کان ساڌڪ پار ٿي ويندو آهي.

اڇا تائين يوگيشور شري ڪرشن ڪنهن مهاپرش دواران يوگ جو آرنڀ، ان ۾ اچڻ واري رڪاوٽن ۾ (بنا دست اندازي) هنن جي پار پوڻ جو رستو ٻڌايو. ان تي ارجن سوال ڪيو.

अर्जुन उवाच

अपरं भवतो जन्म परं जन्म विवस्वतः।
कथमेतद्विजानीयां त्वमादौ प्रोक्तवानिति ।।४।।

ارجن اُواچ

اَپَرَمِ ڀَوَتو جَنَمَ پَرَمِ وِوسِوَتَهه
ڪَٿَميتَدِ وِجانييامِ تِوَمادَئوُ پروڪِتَوانِتي (۴)

ڀڳوان ! توهانجو جنم ته ”اَپَرَمِ“ هاڻي ٿيو آهي ۽ منهنجي اندر ديوتائن جو پرويش تمام پراڻو آهي، ته مان ڪيئن مڃيان ته هن يوگ جو يڳن جي آد ۾ توهان چئو هو؟ ان تي

يوگيشور ڪرشن مهراج چيو:

श्रीभगवानुवाच

बहूनि मे व्यतीतानि जन्मानि तव चार्जुन।

तान्यहं वेद सर्वाणि न त्वं वेत्थ परन्तप।।५।।

شري ڀڳوان اُواچ

ٻهوُني مي وِيَتيِتاني جَنماني تَوَ چارِجُنَ

تانِيهَمِ ويدَ سَروِاڻي نَہ تُوَمِ ويتَٿ پَرِنتَپ (۵)

ارجن! منهنجا ۽ تنهنجا گهڻا جنم ٿي چڪا آهن. هي پَرِنتپ ! انهن سڀني کي تون نٿو ڄاڻين، پر مان ڄاڻان ٿو، سوروپ استٿ مهاپرش ڄاڻن ٿا. اويڪت (اڻ ڄاتل) جي استٿي وارا ڄاڻن ٿا. ڇا توهين سڀني وانگر پيدا ٿيو ٿا؟ شري ڪرشن چون ٿا نہ، سوروپ جي پراپتي شرير جي پراپتيءَ کان الڳہ آهي.منهنجو جنم هنن اکين سان نٿو ڏسي سگهجي. مان اجنما، اويڪت، شاشوت هوندي بہ شرير جي آڌار وارو آهيان.

अवधू जीवत में कर आसा।

मुए भुक्ति गुरु कहे स्वार्थी, झूठा दे विश्वासा।।

”آوڌو جيوت ۾ ڪَرِآسا

مُئي مڪتي گُروُ ڪهي سوارٿي، جهوٺا دي وشواسا “

شرير جي رهڻ سان ئي اُن پرم تَتوَ ۾ پرويش پاتو ويندو آهي. ذري بہ ڪمي آهي تہ جنم وٺڻو پوندو آهي. اڃا تائين ارجن شري ڪرشن کي ديهڌاري سمجهي ٿو. هو اندريون سوال رکي ٿو. ڇا توهانجو جنم ائين ئي آهي، جيئن سڀ ڪنهن جو آهي.ڇا توهين بہ شريرن وانگر پيدا ٿيا آهيو؟ شري ڪرشن چون ٿا:

अजोऽपि सन्नव्ययात्मा भूतानामीश्वरोऽपि सन्।

प्रकृतिं स्वामधिष्ठाय सम्भवाम्यात्ममायया।।६।।

اَجو پِي سَنِنو يَياتما ڀوُتانامِيشِوَرو پي سَنہِ

پِرَڪِرتِمِ سوامَڌِيشٺايہ سَمِڀَوامِياتِمَ مايَيا (٦)

مان وناش رهت، وري جنم رهت ۽ سڀني پراڻين جي سِوَرَ ۾ چرپر، جنبش ٿيڻ تي بہ پنهنجي پرڪرتي کي اڌين ڪري آتم مايا سان پرگهٽ ٿيان ٿو. هڪ مايا تہ اوديا آهي جا پرڪرتيءَ ۾ ئي وشواس ڏياري ٿي. نيچ توڙي اڌم جوڻين جو ڪارڻ بڻجي ٿي. ٻي مايا آهي آتم مايا، جا آتما ۾ پرويش ڏياري ٿي، سوروپ جي جنم جو ڪارڻ بڻجي ٿي. ان کي يوگہ مايا بہ چوندا آهن. جنهن ڪان اسين الڳہ آهيون. اُن شڌ پوتر سروپ سان هوءَ جوڙي ٿي، ميلاپ ٿي ڪرائي. اُن آتمڪ پرڪريا دوارا ان مان پنهنجي ترگڻي پرڪرتي کي اڌين ڪري ئي پرگهٽ ٿيان ٿو.

گهڻو ڪري لوڪ چوندا آهن تہ ڀڳوان جو اوتار ٿيندو تہ درشن ڪري وٺنداسين. شري ڪرشن چون ٿا تہ اهڙو ڪجھہ ڪونہ ٿيندو آهي جو ٻيا ڏسي سگهن. سوروپ جو جنم پنڊروپ ۾ نٿو ٿئي. شري ڪرشن چون ٿا يوگہ ساڌنا دوارا آتم مايا دوارا پنهنجي تِرگڻمئي پرڪرتي کي پنهنجي وس ۾ ڪري مان سلسليوار پرگهٽ ٿيان ٿو. پر ڪهڙين حالتن ۾؟

यदा यदा हि धर्मस्य ग्लानिर्भवति भारत।
अभ्युत्थानमधर्मस्य तदात्मानं सृजाम्यहम् ।।७।।

”يدا يدا هي ڌَرمِسيہَ گلانِيرِ ڀَوَتي ڀارت
اَڀِيُتِٿا نَمَڌَرِ مَسِيہَ تَداتِمانَمِ سِرِجامِيَهِمِ (٧)

هي ارجن ! جڏهن جڏهن پرم ڌرم پرماتما جي لاءِ هرديہ اپوترتا سان ڀرجي ويندو آهي، جڏهن اڌرم جي وڌڻ ڪري هاجي ٿئي ٿي ۽ ڀاوڪ پار نٿا پائي سگهن، تڏهن مان آتما کي رچڻ لڳندو آهيان. اهڙي ئي گلاني (اشڌتا) منوءَ کي ٿي هئي

हृदय बहुत दु:ख लाग, जनम गयउ हरि भगति बिनु।।
(रामचरितमानस, १/१४२)

هردي َبَهُت دکہ لگا، جنم گيئوُ هري ڀڳتي بِنُ
(رام چرت مانس ١-١٤٢)

جڏهن تنهنجو هردو انوراگہ سان ڀرجي وڃي، ان شاشوت (پوتر) ڌرم جي لاءِ ''گد گد گِرانَين بَهِہ نيرا جي استٿي حالت اچي وڃي، جڏهن ڪوشش ڪري انوراگي اڌرم جو پار نٿو پائي، اهڙي حالت ۾ مان پنهنجي سوروپ کي رچيان ٿو، معنيٰ ڀڳوان جو اچڻ جو ڀاوُ فقط انوراگي جي لاءِ آهي. ''سو ڪيول ڀڳتن هِت لاگي'' (رام چرت مانس ٥-١٢-١)

هيءُ اوتار ڪنهن ڀاڳيوان ساڌڪ کي اندر ۾ ٿئي ٿو. ''توهين پرگهٽ ٿي ڪندا ڇا آهيو؟''

परित्राणाय साधूनां विनाशाय च दुष्कृताम्।
धर्मसंस्थापनार्थाय सम्भवामि युगे युगे।।८।।

''پرِيتراڻايہَ ساڌوُمانامِ وِناشايہ چہَ دُشڪِرتامِ
ڌَرمَسَنِستاپَنارٿايہ سَمڀِوامي يُگي يُگي (٨)

ارجن! ''ساڌوُ نام پريتِراڻايہ'' پرم ساڌيہ صرف هڪ ٿي پرماتما آهي، جنهن جي ساڌنا ڪان پوءِ بي ڪابہ ساڌنا باقي نٿي رهي. اُن ساڌيہ ۾ پرويش ڏيارڻ وارا وويڪ، ويراڳہ شم دَم وغيره دَئوي سَمپد کي نروگهن چالو رکڻ لاءِ ۽ ''دُشڪِرتامِ'' جنهن مان اشڌ اپوتر ڪاريہ روپ وٺن ٿا، اُن ڪام ڪروڌ، راڳہ دويش وغيره وجاتي پريورتن کي بنياد سان گڏ نشت ڪرڻ لاءِ ۽ ڌرم کي چڱيءَ طرح استر ڪرڻ لاءِ مان يُگہ يگہ ۾ پرگهٽ ٿيندو آهيان.

नित जुग धर्म होहिं सब केरे। हृदय राम माया के प्रेरे।।
(रामचरितमानस, ७/१०२ख/१)

''نِت جُگہ ڌرم هو نئِنہ سب ڪيري هرديہ رام مايا کي پِريري ''

(رام چرت مانس، ٧-١٠٣ ک-١)

يُگہ ڌرم سڀني جي هرديہ ۾ هميشهہ ٿيندا رهندا آهن. اوديا سان نہ بلڪ وديا سان، رام مايا جي پريرڻا سان هرديہ ۾ ٿيندا آهن. جنهن کي ڏنل شلوڪ ۾ آتم مايا چيو ويو آهي، اُهائي آهي رام مايا. هرديہ ۾ رام جي استتي ڏيارڻ وارو رام مان اتساهہ پائي ٿو اها وديا آهي. ڪيئن سمجهيو وڃي تہ هاڻي کهڙو يُگہ ڪاريہ ڪري رهيو آهي. ”تو سُڌسَتوَ سَمَتا وگيانا اڪرتَ پرياوَ پِرَسن من جانا “ (مانس ٧-١٠٣ ک -٢) جڏهن هردي ۾ شڌ ستوگڻ ئي ڪرم ڪري رهيو آهي، راجس ۽ تامس ٻئي گڻ شانت ٿي وڃن، دشمني، نفرت ۽ بي ترتيبي سماپت ٿي وييون هجن، جنهنجو ڪنهن سان وير نہ هجي، وگ يان هجي معنيٰ اشت (پرماتما) ڪان نرديشن (اپديش) ونڻ ۽ اُن تي ٽِڪڻ جو ٻل هجي، من ۾ پرسنتا جو پورڻ اُتساهہ هجي. جڏهن اهڙي يوگيتا اچي وڃي، تہ ستيگہ ۾ پرويش ملي ويو. اهڙي طرح ٻين گڻن جو ورنن ڪيو ۽ پڇاڙيءَ ۾

तामस बहुत रजोगुन थोरा। कलि प्रभाव विरोध चहुँ ओरा।।
(रामचरितमानस, ७/१०२ख/५)

”تامس بهت، رجوگن ٿورا ا ڪَلِ پرياوَ ورِوڌ چهون اورا“ اا
(رام چرت مانس ٧-١٠٣ ک-٥)

تامس گڻ پرپور هجي، ٿورو راجسي گڻ ٻہ اُن ۾ هجي چئني پاسي وير وروڌ هجي تہ اهڙو انسان ڪَليگين آهي جڏهن تامسي گڻ ڪم ڪريٿو تہ منش ۾ آلس ، نند، پرماد گهڻو هوندو آهي. هو فرض جاڻندي ٻہ هن ڪان نورتي (ڇوٽڪارو) نٿو ملي سگهي. ان طرح يگہ ڌرم جو چڙهڻ-لهڻ منشن جي اندرين يوگيتا تي مدار ٿو رکي. ڪنهن انهن يوگيتائن کي چار يگہ چيو آهي تہ ڪير اُنهن کي ئي چار ورڻ جو نالو ڏئي ٿو، تہ ڪير

انهن کي ئي اَتي اُتم، اُتم، مڌيم ۽ نشڪرِشٽ چئن درجن جا ساڌڪ چئي پڪارين ٿا. هرهڪ يڳ ۾ اشٽ (پرماتما) ساٿ ڏئي ٿو. ها ! اوچي درجي ۾ انوڪولتا (وٽندڙ) جي پرپورائي پرتيت ٿئي ٿي، هينين يڳن ۾ سهيوگي درجو پرتيت ٿئي ٿو.

ٿوري ۾ شري ڪرشن چون ٿا تہ ساڌڻ واري وستو ڏيارڻ وارا وويڪ، ويراڳ وغيره کي نر وگهن ڪرڻ جي لاءِ دوشڻ جا ڪرائيندڙ ڪام، ڪروڌ، راڳ دويش وغيره جو پورڻ وناش ڪرڻ لاءِ پرم ڌرم پرماتما ۾ استر رکڻ جي لاءِ مان يڳ يڳ ۾ معنيٰ هر حالت، هر شريٽيءَ ۾ پرگهٽ ٿيان ٿو، بشرطيڪ تہ ڳلاني هجي، ڪِرَڻ هجي. جيستائين اشٽ سمرٿن نہ ڏئي، سهارو نہ ڏئي، تيستائين توهين سمجهي ئي نہ سگهندا تہ وڪارن جو ناس ٿيو يا هاڻي ڪيترا باقي آهن؟ پرويش سان، گهڙڻ سان حد درجي تائين، چوٿيءَ تائين اِشٽ هر درجي ۾ هر يوگيتا سان گڏ رهي ٿو. اُنجو پرڪاش، اُتساهہ انوراگيءَ جي هردي ۾ ٿيندو آهي. ڀڳوان پرگهٽ ٿيندو آهي. تڏهن تہ سڀ درشن ڪندا هوندا؟ شري ڪرشن چون ٿا تہ :

जन्म कर्म च मे दिव्यमेवं यो वेत्ति तत्त्वत:।
त्यक्त्वा देहं पुनर्जन्म नैति मामेति सोऽर्जुन।।९।।

”جَنمَ ڪَرَمَ چہَ مي دِويَميوَمِ ويتتي تَتِوَتَهہ
تِيَڪِتوا ديهَمِ پَنرِجَنِمَ ماميتي سورِجُن (٩)

ارجن! منهنجو هيءُ جنم معنيٰ ڳلاني (آلس، ڀُهير) سان گڏ سوروپ جي رچنا ۽ منهنجو ڪرم مطلب تہ ڏُشِڪرتين جو نردوش جوش جنبش، ڌرم جي استرتا ، هيءُ ڪرم ۽ جنم دويہ معنيٰ الوڪ آهي لوڪ نہ آهي. هنن چمڙي جي اکين سان هن کي ڏسي نٿو سگهجي. من، ٻُڌي سان اُن کي ماپي نٿو سگهجي. جڏهن اهڙو ڀُوڙهو ڀُجهو آهي تہ اُن کي ڏسي ڪير

ٿو؟ صرف ”يو ويتي تَتِوَ تھ“ تَتِوَ درشي ئي منھنجي ھن جنم ۽ ڪرم کي ڏسندو آھي ۽ منھنجو ساڪيات ڪري پنرجنم کي نٽو پراپت ٿئي بلڪ مونکي پراپت ٿئي ٿو.

جڏھن تَتِوَ درشي ئي ڀڳوان جي جنم ۽ ڪاريہ ڏسي سگھي ٿو تہ لوڪ لکن جي ڳُٽپ ۾ ڀيڙ لڳائي چو بينا آھن تہ ڪٿي اوتار ٿيندو تہ درشن ڪنداسين؟ ڇا توھين تتو درشي آھيو؟ مھاتما ويسَ ۾ اڄ بہ جدا جدا طريقن سان، خاص ڪري مھاتما ويسَ جي آڙ ۾ گھٽائي لوڳ پرچار ڪندا ڦرن ٿا تہ ھو اوتار آھن يا اُنھن جا دلال پرچار ڪري ڏيندا آھن.لوڪ رڍن وانگز اوتار کي ڏسڻ لاءِ ڌڪا ڌوڪي ڪندا آھن، پر شري ڪرشن چوندا آھن تہ فقط تَتِوَدرشي ئي ڏسي سگھندا آھن. ھاڻي تتودرشي ڪنھن کي چوندا آھن؟

اڌياءُ ٻئين ۾ ست ۽ است جو نرنئہ ڏيندي يوگيشور شري ڪرشن ٻڌائين ٿا تہ، ارجن ! ست وستوءَ جو وجود ڪونھي ۽ سَتِ جو ٽنھي ڪالن ۾ ڪڏھن بہ اڀاوَ ڪونہ آھي. تہ ڇا توھين ائين چئو ٿا؟ ھنن ٻڌايو، ”نہ، تتو درشين ھن کي ڏٺو. نہ، ڪنھن ڀاشا جاڻندڙ ڏٺو، نہ ڪنھن سمرڌشالي ڏٺو. ھتي وري زور ڏين ٿا. منھنجو پرڪاش، پڌرائي تہ ٿئي ٿي پر اُن کي تتو درشي ئي ڏسي سگھندا آھن تتو درشي ھڪڙو سوال آھن. اھڙو ڪجھہ ڪونھي تہ پنج تَتِوَ آھن، پنجويھہ تَتِوَ آھن انھن جي ڳُٽپ سکي ورتي ۽ ٿي وياسين تتودرشي. شري ڪرشن اڳيان ٻڌايو تہ آتما ئي پرم تتو آھي. آتما پرم سان ملي پرماتما ٿي ويندو آھي. آتم ساڪياتڪار ڪرڻ وارو ئي ھن حاضري ۽ پرڪاش کي سمجھي ويندو آھي. سڌ ٿيو تہ اوتار ڪنھن وِرَھي انوراگي کي ھرديہ ۾ ٿيندي آھي. شروع ۾ ھو سمجھي نہ سگھندو تہ اسين ڪير اشارو ڏئي ٿو؟ ڪير رھبري ڪندو

آهي؟ پر پرم تتو پرماتما جي درشن سان گڏ ئي هو ڏسي ٿو وٺي، سمجهي ٿو وجي ۽ پوءِ شرير جو تياڳ ڪري پُنرَ جنم کي پراپت نٿو ٿئي.

شري ڪرشن چيو تہ منهنجو جنم دويہ آهي، هن کي ڏسڻ وارو مونکي پراپت ٿئي ٿو، تہ لوڪن اُن جي مورتي ٺاهي ورتي، پوڄا ڪرڻ لڳا. آڪاش ۾ ڪٿي اُنجي نواس جي ڪلپنا ڪئي. اهڙو ڪجهہ بہ ڪونهي. اُن مهاپرش جو پروسو صرف ايترو هو تہ جيڪڏهن توهين نيمت ڪرم ڪريو، تہ توهان کي لڳندو تہ توهين بہ دويہ آهيو توهين جيڪو ٿي سگهو ٿا مان اُهو ٿي ويو آهيان. توهان جي لاءِ وجهہ آهيان. توهان جو ئي مستقبل آهيان. پنهنجي اندر توهين جنهن ڏينهن اهڙي پورڻتا پائي وٺندا تہ توهين بہ اُهيئي ٿيندا، جو ڪرشن آهي. جو شري ڪرشن جو سوروپ آهي، اُهو توهانجو بہ ٿي سگهي ٿو. اوتار ڪٿي ٻاهر نٿو ٿئي ها جيڪڏهن انوراگہ سان پورڻ هرديہ هجي، تہ توهانجي اندر بہ اوتار جي انوڀوتي ممڪن آهي. هو توهانکي اتساهت ڪن ٿا تہ گ هٽيئي لوڪ هن مارگہ تي هلي منهنجي سوروپ کي پراپت ڪري چڪا آهن.

वीतरागभयक्रोधा मन्मया मामुपाश्रिताः।
बहवो ज्ञानतपसा पूता मद्भावमागताः ।।१०।।

”ويِتَراگييڪِرودا مَنمَيا مامُوپاشِرَتاهہ
بَهوو گِيانتَپَسا پوُتا مَدِياوَماگتاها (١٠)

راڳہ ۽ وراڳہ، ٻنهي کان پري ويِتراگہ تنهنڪري ان نمونٽي ڀَيہ - اَڀَيہَ، ڪروڌ-اڪروڌ ڏنهي کان پري، هڪ ئي ڀاوَ سان معنيٰ اهنڪار رهت منهنجي شرن وٺي گهٽيئي لوڪ گيان-تپ سان پوتر ٿي منهنجي سوروپ کي پراپت ٿي چڪا آهن.

هاڻي ائين ٿيڻ لڳو آهي، اهڙي ڳالهہ ڪونهي. اهو وڏان سدائين رهيو آهي، اهو طريقو هميشه کان رهيو آهي. گهڻائي پرش اهڙي طرح منهنجي سوروپ کي پراپت ٿي چڪا آهن. ڪهڙي نموني؟ جن جن جو هردو اڏرم جي وڌڻ ڏسي پرماتما لاءِ آلس ۾ من جي مونجهہ ۾ پرجي ويا، اُن حالت ۾ مان پنهنجي سروپ کي رچيان ٿو. هو منهنجي سوروپ کي پراپت ٿيندا آهن. جنهن کي يوگيشور شري ڪرشن تَتوَدرشن چيو آهي، اُن کي هاڻي گيان چون ٿا. پرم تتو آهي پرماتما، اُن کي ظاهر ظهور درشن سان گڏ ڄاڻڻ گيان آهي. اهڙو ڄاڻ وارا گياني منهنجي سوروپ کي پراپت ڪن ٿا. هتي هي سوال پورو ٿي ويو. هاڻي هو يوگيتا جي آڌار تي يڄن ڪرڻ وارن جو درجن جو وياجن ڪري ٿو.

ये यथा मां प्रपद्यन्ते तांस्तथैव भजाम्यहम्।
मम वर्त्मानुवर्तन्ते मनुष्याः पार्थ सर्वशः।।११।।

”يي يٿا ماءِ پرَپَدِينِتي تانسِتَٿئيوَ ڀَڄا مِيَهَم
مَمَ وَرتمانوُ وَرتَنِتي مَنُشياها پارِٿ سَرِوَشَهہ (11)

جيڪي مونکي جيتري لگن سان جيئن يڄن ڪن ٿا. مان بہ اُنهن جو ائين ئي يڄن ڪريان ٿو. اوتري ئي ماترا ۾ سهيوگ ڏيان ٿو. ساڌڪ جي شرڌا ئي ڪرپا بڻجي اُن کي ملندي آهي. انهي راز کي ڄاڻي پوتر ۽ دل جا صاف لوگ سمپورڻ ڀاوَ سان منهنجي مارگ جي انوسار ئي هلن ٿا جيئن مان هلان ٿو، جو مونکي پريہ آهي، پيارو آهي، اهڙوئي آچرڻ ڪن ٿا. جيڪو مان ڪرڻ ٿو چاهيان، اُهوئي ڪن ٿا.

يڳوان ڪيئن ٿو يڄن ڪري؟ هو رٿي بڻجي بيهي ٿو رهي، گڏ هلڻ لڳي ٿو. اهوئي اُنجو يڄن آهي. جن مان اپوتر ۽ اشڌ پيدا ٿو ٿئي، اُنهنجو وناش ڪرڻ جي لاءِ هو اُٿي کڙو ٿيندو

آهي. ستيہ ۾ داخل ٿيڻ وارن سدگڻن جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ هو اُٿي بيهندو آهي. جيستائين اشٽ ديو هردي ۾ پوريءَ طرح رٿي نہ هوندو ۽ هر قدم تي ساوڌان نہ ڪندو، تيستائين ڪوئي ڪهڙو بہ پڇاڻندي ڇو نہ هجي، لڪہ اڪيون بند ڪري، لڪہ ڪوشش ڪري، هو هن پرڪرتي جي جهڳڙي ڪان پار نہ ٿي سگهندو. هو ڪيئن سمجهندو تہ اسين ڪيتري دوري طَئہِ ڪري چڪا آهيون؟ باقي ڪيترو آهي؟ اشٽ ئي آتما سان هڪ ٿي ڪڙو ٿي بيهندو آهي ۽ اُن جو مارگہ درشن، رهبري ڪندو آهي تہ تون هتي آهين، هيئن ڪَرِ، هيئن هلُ. انهيءَ طرح پرڪرتيءَ جي ڪاهي لنگهندي آهستي آهستي اڳيان وڌندي سوروپ ۾ پرويش ڏياري ڇڏيندو آهي. پڇن تہ ساڌڪ ڪي ئي ڪرڻو پوندو آهي؛ پر هن جي دوارن هن راهہ ۾ جا دوري طئہ ٿيندي آهي، اُها اشٽ جي دين آهي. ائين سمجهي سڀ منش سيني پاوَن سان پرجي منهنجي پنيان ايندا آهن. ڪيئن هو وَرتَنِ ٿا؟

काङ्क्षन्तः कर्मणां सिद्धिं यजन्त इह देवताः ।
क्षिप्रं हि मानुषे लोके सिद्धिर्भवति कर्मजा ।।१२।।

”ڪاڱڪشِنتَہ ڪَرمَڻامِ سِڌِيمِ يَجنَت اِهَہ ديوتاها
ڪشِپرَمِ هي مانُشي لوڪو سِڌِيرِ ڀَوَتي ڪَرمَجا (١٢)

اُهي پرش هن شرير ۾ ڪرمن جي سِڌي چاهيندي ديوتائن کي پوڄين ٿا. ڪرم ڪهڙو؟ شري ڪرشن چيو، ” ارجن! تون نيمت ڪرم ڪر“ نيمت ڪرم ڇا آهن؟ يگيہ جي پرڪريائي ڪرم آهي. يگيہ ڇا آهي؟ ساڌنا جي خاص وِڌي جنهن ۾ سواس، پساهہ جو هَوَنُ. اندرين جي ٻاهرئين پرواهہ کي، وهڪري کي سنيم اگنيءَ ۾ هوَنُ ڪيو ويندو آهي، اُنجو ڦل آهي پرماتما. ڪرم جو شڌ ارٿ آهي آراڌنا، جنهنجو سوروپ هن

اڌياءَ ۾ اڳيان ملندو. هن آراڌنا جو نتيجو ڇا آهي؟ سَنِسِڌِم - پرم سِڌِ پرماتما، ”يانِتي بِرَهمِ سناتَنَم شڌ ۽ پوتر برهم ۾ پرويش، پرم نشڪام ڪرم جي استٿي. شري ڪرشن چون ٿا-منهنجي انوسار هلڻ وارا لوڪ هن مانش لوڪ ۾ ڪرم جي ڦل پرم نئشڪرميہ سِڌِيءَ جي لاءِ ديوتائن کي پوڄين ٿا معنيٰ دَئوِي سمپد کي ٻلوان بڻائين ٿا.

ٽئين اڌياءَ ۾ هنن ٻڌايو هو تہ هن يگيہ دواران توهان ديوتائن جي واڌڪر، دَئوي سمپد کي ٻلوان بڻاءِ. جيئن جيئن هرديہ جي ديش ۾ دَئوي سمپد جي اُنتي ٿيندي، تيئن تيئن تنهنجي اُنتي ٿيندي. ان پرڪار سان پرسپر ڳ ڌجي مسڄي اُنتي ڪندي پَرَمَ شِريہَ کي پراپت ٿي وڃ. پڇاڙيءَ تائين اُنتي ڪندي وڃڻ جي هي اَندرين ڪِريا آهي. ان تي زور ڏيندي شري ڪرشن چون ٿا تہ منهنجي مرضي موافق هلڻ وارا لوڪ هن منش شرير ۾ ڪرمن جي سِڌي چاهيندي دئوي سمپد کي ٻلوان بڻائين ٿا، جنهن سان نشڪام سِڌي جلد ٿيندي آهي. اُها اسڦل نہ ٿيندي، سڦل ئي ٿيندي آهي. جلدي جو تاتپريہ؟ ڇا ڪرم ۾ پرورت ٿيندي ئي يڪدم هيءَ پرم سِڌي ملي ٿي وڃي؟ شري ڪرشن چون ٿا -نہ! هن ڏاڪڻ تي سلسليوار چڙهڻ جو طريقو آهي. ڪير چلانگہ لڳائي ڀاوَ گهٽي سان ڏيان جهڙو چمتڪار نٿو ٿئي. ان تي ڏسون:

चातुर्वर्ण्यं मया सृष्टं गुणकर्मविभागशः।
तस्य कर्तारमपि मां विद्ध्यकर्तारमव्ययम्।।१३।।

”چاتُرَوَرِڻيمَ مَيا سِرِشٽَمِ گُڻڪِرمَو ڀاگَشَھہ
تَسيہَ ڪَرتارَمَپي مامِ وِدَيڪَرتارمَويَيمِ (۱۳)

ارجن! ”چاتُرَوَرِڻم سِرِشٽَمِ“ چئن ورڻن جي رچنا مون ڪئي.

تہ ڇا منشن کي ڇئن ڀاڱن ۾ ورهائي ڇڏيو؟ شري ڪرشن چون ٿا تہ ”گڻ ڪرمَ وِ ڀاڱشهہ“ گڻن جي ماڌيم سان ڪرم کي ڇئن ڀاڱن ۾، حصن ۾ ورهايم. گڻ هڪ پيمانو، ماپو آهي. تامسي گڻ هوندا تہ آلس، ننڊ، پرمادڪرم ۾ پرورت هئڻ جو سڀاءُ، چاڻنديءَ بہ اڪرتويہ ڪان نورتي نہ پائڻ جي مجبوري رهندي. اهڙي اوستا ۾ ساڌن ڪيئن شروع ڪري؟ بہ ڪلاڪ توهين آراڌنا ۾ وهو ٿا، ان ڪرم جي لاءِ محنت وارو ٿيڻ چاهيو ٿا پر ڏهہ منٽ بہ پنهنجي لاءِ مددگار نٿا ٿيو. شرير ضرور وينو آهي، پر جنهن من کي وهڻ کپي اُهو هوا سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي، اجاين خيالن جي ڄار اُٺي رهيو آهي. لهر مٿان ٻي لهر چانيل آهي، تہ توهين وينا ڇو آهيو؟ وقت ڇو ٿا نشٽ ڪريو؟ اُن وقت فقط ”پريچارِ يا تِمَڪِمِ ڪَرِمَ شودرَسِڀاپي“ جي مهاپرش اويڪت جي استتي وارا آهن، اوناشي ڏِدِوَ ۾ استت آهن، اُنهنجي ءَ اُن راهہ تي ڪڙا تڙا ٿي پاڻ ڪان (اُنَتِ) پهتل لوڪن جي شيوا ۾ لڳي وڃو. ان سان اشڌ سنسڪار ناس ٿيندا ويندا، ساڌنا ۾ پرويش ڏيارڻ وارا سنسڪار پربل ٿيندا ويندا.

سلسليوار تامسي نوان هئڻ تي راجسي جي پرڏان هئڻ ءَ ساتوڪ گڻ جو تمام ٿورو هئڻ سان گڏ ساڌڪ جي همت وئشيہ درجي جي ٿي وڃي ٿي. ان وقت اهوئي ساڌڪ اندرين جو سنجم، آتمڪ سمپتيءَ جو گڏ ڪرڻ سڀاءَ انوسار ڪرڻ لڳندو. ڪرم ڪندي ڪندي انهي ساڌڪ ۾ ساتوڪ گڻن جو تعداد وڌي ويندو، راجسي گڻ گهٽ رهجي ويندا، تامسي گڻ شانت رهندا. اُن وقت اهوئي ساڌڪ ڪترِي شريٽيءَ ۾ داخل ٿيندو، بهادري، ڪرم ۾ پرورت رهڻ جي شڪتي پنيان نہ هٽڻ جو سڀاءُ، سيني ڀاوَن تي مالڪ ڀاوَ پرڪرتي جي ٽنهي گڻن کي

ڪاڻ جي همت هنجي سپاءَ ۾ ڏَلجي ويندي. اُهيئي ڪرم وڏيڪ سوڪيم ٿيڻ تي،صرف ساتوڪ گڻ ڪرم ۾ رهجي وڃڻ تي من جو روڪڻ ۽ اندرين جو ظابطو، ايڪاگرتا، سرلتا، ڌيان، سماڌي، ايشوري اشارو، آستڪپڻو وغيره برهم ۾ داخلا ڏيارڻ واري سپاويڪ همت سان گڏ اهوئي ساڌڪ برهم ۾ اسٿت ٿي وڃي ٿو. اُن انت واري حد تي هو پاڻ ۾ ئي برهمڻ رهي ٿو. نہ کتري، نہ وئش، نہ شودر؛ پر ٻين جو مارگ ۾ درشن لاءِ اهوئي برهمڻ آهي. ڪرم هڪڙو ئي آهي. نيمت ڪرم آراڌنا. اوستا ڀيد جي ڪري انهي ڪرم کي اوچ نيچ چئن ڏاڪڻين ۾ ورهايو. ڪنهن ورهايو؟ ڪنهن يوگيشور ورهايو، اويڪت اسٿتي واري مهاپرش ورهايو. اُنجو ڪرتا مون ابناشيءَ کي اڪرتا ئي ڄاڻ ڇو؟

न मां कर्माणि लिम्पन्ति न मे कर्मफले स्पृहा।
इति मां योऽभिजानाति कर्मभिर्न स बध्यते।।१४।।

”نَہ مامِ ڪَرماڻي لِمپَنتي نَہ مي ڪرمڦلي اِسپِرها
اِتي مامِ يو ڀي جاناتي ڪَرمَڀِرنَ نہ سَ بَڌِيَتي (۱۴)

ڄاڪاڻ تہ ڪرمن جي ڦل ۾ منهنجي اڇا نہ آهي. ڪرمن جو ڦل ڇا آهي؟ شري ڪرشن اڳ ۾ ٻڌايو هو تہ يگيہ جنهن سان پورو ٿئي ٿو، اُن ڪِريا جو نالو ڪرم آهي ۽ پورڻ ڪال ۾ يگيہ جنهنجي رچنا ڪري ٿو، ان گيان امرت وٺڻ وارو پوتر شڌ، سناتن برهم ۾ پرويش پائي ٿو وڃي. ڪرم جو ڦل آهي پرماتما. اُن پرماتما جي ڇاهہ بہ هاڻي مونکي ڪونهي ڄاڪاڻ تہ مونکان الڳہ ڪونهي. مان اڻ ظاهر ٿيل، اويڪت سروپ آهيان. ان جي اسٿتيءَ وارو آهيان. ان کان اڳي ڪا شڪتي نہ آهي. جنهن جي لاءِ ڪاريہ ۾ سنيهہ رکان. تنهنڪري ڪرم مونکي لپائمان نٿا ڪن ۽ انهي اوستا ۾ جو بہ مونکي ڄاڻي ٿو ارٿات

جو ڪرمن جي ڦل ”پرماتما“ کي پراپت ڪري ٿو وٺي، ان کي ڪرم نٿا ٻَڌن. جيئن شري ڪرشن، تيئن اُن ليول، ان اوسٿا کي ڄاڻڻ وارو مهاپرش.

एवं ज्ञात्वा कृतं कर्म पूर्वैरपि मुमुक्षुभिः।
कुरु कर्मैव तस्मात्त्वं पूर्वैः पूर्वतरं कृतम्।।१५।।

”ايوَمِ گياتوا ڪِرتَمِ ڪَرمَ پوُروَئيرَ پِي مُمُڪشِيڀَه
ڪُروُ ڪَرمَئيوَ تَسماتُوَمِ پوُروَئيڀَه پوُروَتَرَمِ ڪِرتَمِ(١٥)

ارجن! ڀهرين ٿيڻ واري موڪش جي اِڇا وارن پرشن دوارا به اهوئي ڄاڻي ڪرم ڪيو ويو. ڇا ڄاڻي؟ اهوئي ته جڏهن ڪرمن جو ڦل پرماتما الڳ نه رهجي وڃي، ڪرمن جي نتيجي پرماتما جي اِڇا نه رهڻ تي ان پرش کي ڪرم نٿا ٻڌن. شري ڪرشن اهڙي اسٿتيءَ وارا آهن تنهن ڪري هوُ ڪرم سان لپائمان نٿو ٿئي ۽ اُن اوسٿا مان اسين ڄاڻي ويندا سين ته اسان کي به ڪَرم نه ٻَڌندا. جيئن شري ڪرشن، نيڪ انهي اوسٿا کي جو به ڄاڻي وٺندو، ائين ئي اُهو پرش به ڪرم ٻنڌن کان مڪت ٿي ويندو. هاڻي شري ڪرشن ڀڳوان ”مهاتما“ ”اويڪت“ يوگ يشور يا مها يوگيشور جو به رهيو هجي، اهو سوروپ سيني لاءِ آهي. اهو سمجهي ڀهرين ئي مُمُڪشُ پُرشن، موڪش جي اِڇا وارن پرشن ڪرم تي قدم رکيو. ان ڪري ارجن! تون به اَبن ڏاڏن دوارا هميشه کان ڪيل هن ڪرم کي ڪر. اهوئي ڪلياڻ جو هڪڙو ئي مارگ آهي.

اِڇا تائين يوگيشور ڪرشن ڪرم ڪرڻ تي زور ڏنو آهي، پر اهو صاف نه ڪيو اٿس ته ڪرم ڇا آهي؟ اڏياءَ ٻئين ۾ اَنهن ڪرم جي نالي ماتر ذڪر ڪيو ته هاڻي ان کي تون نشڪام ڪرم جي وشيه ۾ ٻُڌُ. هنجون خاصيتن جو ورنن ڪيو ته هيءُ جنم مرڻ کي مهان ڊپ کان رکشا ڪري ٿو. ڪرم

ڪرڻ وقت ساوڌانيءَ جو ورنن ڪيو، ليڪن اهو نہ ٻڌايو تہ ڪرم ڇا آهي؟ اڌياءَ ٽئين ۾ هنن چيو تہ گيان مارگہ سنو لڳي يا نشڪام ڪرم يوگہ، ڪرم تہ ڪرڻو ئي پوندو. نہ ڪرمن جي تياڳ ڻ سان ڪوئي گياني ٿيندو آهي ۽ ڪرم نہ شروع ڪرڻ سان ڪوئي نِشڪرمي. هٺ جي وس ٿي جيڪو نٿو ڪري، اُهو ضدي ۽ ٻهروپي آهي. تنهنڪري من سان اندرين کي وس ۾ ڪري ڪرم ڪر. ڪهڙو ڪرم ڪري؟ تہ ٻڌايائون، نيمت، مقرر ڪرم ڪر. هاڻي اهو نيمت ڪرم آهي ڪهڙو؟ تہ چيائون يگيہ جي پرڪريا ئي نيمت ڪرم آهي. هڪ نئون سوال ڏنو تہ يگيہ جي اُتپتي ٻڌائي، انجي خاصِيَتُنِ جو ورنن ڪيو؛ پر يگيہ نہ ٻڌايائين ، جنهن سان ڪڪرم کي سمجهي سگهجي. اڃا تائين اهو صاف نہ ٿيو آهي تہ ڪرم ڇا آهي؟ هاڻي چون ٿا تہ ارجن! ڪَرم ڇا آهي، اڪرم ڇا آهي؟ هن وشيہ ۾ وڏا وڏا ودوان بہ موهت آهن، ان کي چڱي طرح سمجهڻ گهرجي.

किं कर्म किमकर्मेति अकवयोऽप्यत्र मोहिता:।
तत्ते कर्म प्रवक्ष्यामि यज्ज्ञात्वा मोक्ष्यसेऽशुभात्।।१६।।

” ڪِمِ ڪَرم ڪِمڪَرميتي ڪَوَيو پِيَترَ موهِتاها
تَتي ڪَرمَ پرَوڪِشيامي يَجگياتِواموڪِشيَسي شَياتِ (١٦)

ڪرم ڇا آهي ۽ اڪرم ڇا آهي؟ هن باري ۾ ٻُڌيمان پرش بہ موهت آهن، تنهنڪري مان اهو ڪرم تنهنجي لاءِ چڱيءَ طرح سان چوندس، جنهن کي ڄاڻي تون ”اَشُياتِ موڪِشِيَسي“ اشڀ معنيٰ سنسار بنڌن کان چڱيءَ طرح ڇٽي ويندين. ڪرم ڪا اهڙي وَستوُ ڪونہ آهي، جا سنسار بنڌن کان مڪتي ڏياري ٿي. انهي ڪرم کي ڄاڻڻ لاءِ شري ڪرشن وري زور ڏين ٿا:

कर्मणो ह्यपि बोद्धव्यं च विकर्मण:।
अकर्मणश्च बोद्धव्यं गहना कर्मणो गति:।।१७।।

’’ ڪَرمَڻو هِيَپِي بوڌويَمِ چہَ وِڪَرمَڻهہ َ
اڪَرِمَڻَشِچہَ بوڌوِيَمِ گَهنا ڪَرِمَڻو گَتِيهہ (۱۷)

ڪرم جو سوروپ بہ ڄاڻڻ کپي، اڪرم جو سوروپ بہ سمجهڻ کپي ۽ وڪرم معنيٰ وڪلپ کانسواءِ خاص ڪرم منجهيل ستائيندڙ دواران ٿيندو آهي، اُن کي بہ سمجهڻ کپي ڇاڪاڻ تہ ڪرم جي گت ڳُوڙهي آهي. ٿورن ماڻهن وڪرم جو ارٿ ’’نِشِڌِ ڪرم‘‘ نہ ڪرڻ جهڙا ڪرم، من لڳائي ڪيل ڪرم وغيرهہ ڪيو آهي. حقيقت هتي ’’وِ‘‘ اپسرگہ تمام سٺي جو اظهار آهي، ڏيکارڻ ۽ سمجهائڻ جو روپ آهي. پراپتي کان پوءِ مهاپرشن جا ڪرم وڪلپ رهت هوندا آهن. آتم استٿت، آتم ترپت آپت ڪام مهاپرشن کي نہ تہ ڪرم ڪرڻ سان ڪوئي لاڀ آهي ۽ نہ ڇڏڻ سان ڪوئي نقصان آهي، هاڃي آهي. پوءِ بہ پٺيان وارن جي ڀلي لاءِ ڪرم ڪندا آهن. اهڙو ڪرم وڪلپ شونيہ آهي، پوتر ۽ شڌ آهي ۽ اهوئي ڪرم وڪرم چوائي ٿو.

اُڏارڻ طرح گيتا ۾ جتي بہ ڪنهن ڪاريہ ۾ ’وِ‘ اپسرگہ لڳل آهي، اُنجي خاصيت جو ئي اظهار آهي. اهڙي ۽ طرح گيتا جدا جدا هنڌن تي ’و‘ پريوگہ ٿيو آهي جيڪو خاص پورڻتا جو اظهار آهي. اهڙي طرح ’وڪرم‘ بہ خاص ڪرم جو اظهار آهي، جو پراپتيءَ کان پوءِ مهاپرشن جي دواران سمپادت ٿيندو آهي، جو شڀ اشڀ سنسڪار نٿو وجهي. هاڻي توهان وڪرم ڏٺو. رهيو ڪرم ۽ اڪرم ، جنهن کي اڳئين شلوڪ ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. جيڪڏهن هتي ڪرم اڪرم جو ڏار ڪرڻ نہ سمجهي سگهياسين، تہ ڪڏهن نہ سمجهي سگهنداسين.

कर्मण्यकर्म य: पश्येदकर्मणि च कर्म य:।
स बुद्धिमान्मनुष्येषु स युक्त: कृत्स्नकर्मकृत्।।१८।।

’’ڪَرِمَڻِيَڪَرِمَ يَهہ پَشِيِيدَڪَرِمَڻي چہَ ڪَرِمَ يَهہ

سَ بُڌيمانِمَنُشِييشوُ سَ يُڪتَهہ ڪِرِتِسنَڪرِمَڪِرِتِ (١٨)

جو منش ڪرم ۾ اڪرم ڏسي، ڪرم معنيٰ آراڌنا ارٿات آراڌنا ڪري ۽ اهو بہ سمجهي تہ ڪرڻ وارو مان نہ آهيان بلڪ گُڻن جي اوستا ئي چنتن ۾ اسانکي اشارو ڪري ٿي. ”مان اِشٽ دواران هلان ٿو-ائين ڏسون ۽ جڏهن هن پرڪار اڪرم ڏسڻ جي شڪتي اچي وڃي ۽ ڏاراواهڪ روپ سان ڪرم ٿيندو رهي، تڏهن سمجهڻ گهرجي تہ ڪرم صحيح طرف ۾ ٿي رهيو آهي. اهوئي پرش منشن ۾ بڌيمان آهي، منشن ۾ يوگي آهي، يوگہ سان پرپور بُڌيءَ وارو آهي ۽ سمپورڻ ڪرمن کي ڪرڻ وارو آهي. هنجي دواران ڪرم ڪرڻ ۾ ٿوري بہ گهٽتائي نٿي رهي. ٿوري ۾ ئي چئجي آراڌنا ئي ڪرم آهي. ان ڪرم کي ڪريون ۽ ڪندي اڪرم ڏسون تہ مان هٽئي وانگر آهيان، ڪرڻ وارو اِشٽ آهي ۽ مان گُڻن مان اتپن اوستا جي انوسار ئي ڪوشش ڪري ٿو سگهان. جڏهن اَڪرم جي اها شڪتي اچي وڃي ۽ ڏاراواهڪ ڪرم ٿيندو رهي، تڏهن پرم ڪلياڻ جي استٿي ڏيارڻ وارو ڪرم ٿي سگهي ٿو. ”پوجيہ مهاراج جي ” چوندا هئا تہ جيستائين اِشٽ رَٿي نہ ٿي وڃي، روڪ ٿام نہ ڪرڻ لڳي، تيستائين صحيح ماترا ۾ ساڌنا جو آرنڀ ئي نٿو ٿئي.“ ان کان پهرين جو ڪجهہ ڪيو وڃي ٿو، ڪرم ۾ پرويش ڪرڻ جي ڪوشش کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهي. هر هلائڻ جو سچو بار ڏٻي جي ڪنڌن تي ئي رهندو آهي پوءِ بہ کيت کي جوٽڻ جو ڪم هاريءَ جي دين آهي. نيڪ اهڙي طرح ساڌن جو سارو بار ساڌڪ جي مٿان رهندو آهي، پر سچو پڇو ساڌڪ تہ اِشٽ آهي جو من جي پنيان لڳو رهندو آهي، جو اُن کي راهہ ڏيکاري ٿو. جيستائين اِشٽ نِرنئہ نہ ڏئي، تيستائين توهين سمجهي ئي نہ سگهندا تہ اسان کان ٿيو

چا؟ اسين پرڪرتي ۾ ڀٽڪي رهيا آهيون يا پرماتما ۾ ؟ ان پرڪار اِشت جي اشاري ۾ راهه ڏيکارڻ ۾ جو ساڌڪ هن آتمڪ راهه تي اڳيان وڌي ٿو، پاڻ کي اڪرتا سمجهي ڏاراواهڪ ، لڳاتار ڪرم ڪندو آهي ۽ اهوئي ڀڏيمان آهي، هنجي چاڻ سچي آهي ڀڳارت آهي، اُهو ئي يوگي آهي. جڳياسا سياويڪ آهي ته ڪرم ڪندو ئي رهندو يا ڪڏهن ڪرمن کان ڇوٽڪارو به ملندو؟ ان تي يوگيشور چون ٿا:

شري ڪرشن جي انوسار جو ڪجهه ڪيو وڃي ٿو، ڪرم نه آهي. ڪرم مقرر ڪيل ڪِريا آهي ”نِيَتَمِ ڪُروُ ڪَرِمَ تُوِمِ“. ارجن! تون مچيل ڪرمن کي ڪَرِ. نرڌارت ڪرم آهي چا؟ تڏهن ٻڌايائون ”يگيارِتاتِڪَرِهڻو نِيَتِرِ لوڪويَمِ ڪَرِمَبنَڌنَهه“ يگيه کي ڪاريه روپ ڏيڻ ئي ڪرم آهي، ته ان کانسواءِ جو ڪجهه ڪيو ويندو آهي ، چا اُهي ڪرم نه آهي. شري ڪرشن چون ٿا ”اَنِيَتِرِ لوڪيَمِ ڪَرِمَبنڌنَمِ“ هن يگيه کي ڪاريه روپ ڏيڻ کانسواءِ جو ڪجهه ڪيو وڃي ٿو، اُهو اُن لوڪ جو ٻنڌن آهي، نه ڪِ ڪَرِم. ”تَدَرِتَمِ ڪَرِم“ ارجن! اُن يگيه لاءِ چڱيءَ طرح آچرڻ ڪر ۽ جڏهن يگيه جو سوروپ ٻُڌايو، ته اهو شڌروپ سان آرڌنا جي هڪ وِڌي-وشيش-خاص طريقو آهي، جو اُن آراڌيه ديو تائين پهچي اُن ۾ ملائي ٿي. هڪ ڪري ٿي.

هن يگيه ۾ اِندرِيُن جو دمن روڪڻ هن تي ظابطو شمن، دئوي سمپد جو گڏ ڪرڻ وغيره ٻڌائيندي انت ۾ چيو، گهٽائي يوگي پراڻ ۽ اَپان جي رفتار جو نروڌ ڪري پراڻايام ۾ پرايڻ ٿي ويندا آهن. جتي نه اندر مان سنڪلپ اُٿي ٿو ۽ نه ٻاهرئين واتاورڻ جو سنڪلپ من جي اندر گهڙي ٿو سگهي. اهڙي حالت ۾ چت کي روڪڻ ۽ روڪيل چت جو به مليل وقت ۾ اُهو پرش ”يانِتي بِرَهمَ سَناتَنَم.“

پوتر شڌ سناتن برهم ۾ پرويش پائي ٿو وڃي. اهو سڀ يگيہ آهي، جنهن کي ڪاريہ روپ ڏيڻ جو نالو ڪرم آهي. هاڻي ڪرم جو شڌ ارٿ آهي ”آراڌنا“ ڪرم جو ارٿ آهي ”يڄن“، ڪرم جو ارٿ آهي يوگہ ساڌنا کي چڱي پرڪار حاصل ڪرڻ، جنهنجو وڌيڪ ورنن هن ئي اڌياءَ ۾ اڳيان تي رهيو آهي. هتي ڪرم ۽ اڪرم جو فقط وڀاڄن ڪيو ويو جنهن سان ڪرم ڪندي وقت اُنکي صحيح دشا ڏيئي سگهون ۽ اُن تي هلي سگهجي.

यस्य सर्वे समारम्भाः कामसङ्कल्पवर्जिताः।
ज्ञानग्निदग्धकर्माणं तमाहुः पण्डितं बुधाः।।१९।।

”يَسيہَ سَروِم سَمارَنڀاها ڪام سَنڪَلَپَوَرجتاها
گياناگنيدَگڌِم ڪَرماڻِم تَماهوُهَہ پَنڊِتُم بُڌاها (١٩)

ارجن! ”يَسيہَ سَروي سمارنڀاها.“ جنهن پرش جي دواران سمپورتا سان آرنڀ ڪئي ويئي ڪِريا (جنهن کي اڳئين شلوڪ ۾ چيو تہ ” اڪرم جي ڏسڻ جي شڪتي اچڻ تي ڪرم ۾ پرورت رهڻ وارو پرش سمپورڻ ڪرمن جي ڪرڻ وارو آهي. جنهن جي ڪرڻ ۾ ذري گهٽتائي نہ آهي)“ ڪامَ سَنڪَلَپَوَرجِتاها“ سلسليوار اُٿان ٿيندي ٿيندي اهڙي سوکيم ٿي ويئي جو واسنا ۽ من جي سنڪلپ وڪلپ کان مٿي چڙهي ويئي (ڪامنا ۽ سنڪلپن جو نہ هئڻ من جي وجيتا اوستا آهي. هاڻي ڪائي اهڙي وستوُ آهي جو هن کي ڪامنا ۽ سنڪلپ وڪلپ کان مٿي وٺي ٿي وڃي. اُن وقت ”گياناگنيدَگ ڌَڪرماڻامِ“ انتم سنڪلپ جي بہ شمن (روڪڻ) سان گڏ، جنهن کي اسين ڪونہ ٿا ڄاڻون، جنهن کي ڄاڻڻ لاءِ اسان کي اڇا هئي، اُن پرماتم` اڻ جي هوبهو جانڪاري ٿي وڃي ٿي. ڪرياتمڪ راهہ تي هلي پرماتما جي ظاهري ڄاڻ جو نالو آهي

گيان. ان گيان سان گڏ ئي ”دَگِڌَ ڪرماڻامِ“ ڪرم سدائين جي لاءِ سڙي ٿا وڃن. جيڪي پائڻو هو سو پائي ورتو، اڳيان ڪائي طاقت ڪونهي جنهن کي ڳوليون. تنهنڪري ڪرم ڪري ڳوليون بہ ڪنهن کي؟ انهي ڄاڻ سان ڪرم جي ضرورت سماپت ٿي وڃي ٿي. اهڙي استٿي وارن کي ئي ٻوڌ سوروپ مهاپرشن ”پنڊت“ ڪري ڪوٺيو آهي، انهن جي ڄاڻ پوري آهي. اهڙي استٿي وارا مهاپرش ڪندا ڇا آهن؟ انهن جي رهڻي تي روشني وجهن ٿا

त्यक्त्वा कर्मफलासङ्गं नित्यतृप्तो निराश्रय:।
कर्मण्यभिप्रवृत्तोऽपि नैव किञ्चित्करोति स: ।।२०।।

”تِيَڪِتوا ڪَرمَ ڦلا سَنگمِ نِتيَترِپتو نراشرَيَهہ
ڪَرمَڻِيَڀِي پِرَوِرِتوپي نَئِيوَ ڪِنچِتڪَروتي سَهہ (٢٠)

ارجن! اهو پرش سنسار آسري کان رهت ٿي، نِتيوَسِتوُ پرماتما کي آسڪتي (موهہ) کي بہ تياڳي (ڇو جو پرماتما بہ هاڻي جدا نہ آهي) ڪرم ۾ چڱيءَ طرح ورتڻ بہ ڪجهہ نٿو ڪري.

निराशीर्यतचित्तात्मा त्यक्तसर्वपरिग्रह:।
शारीरं केवलं कर्म कुर्वन्नाप्रोति किल्बिषम्।।२१।।

”نراشيرِ يَتَچِتاتِما تِيَڪتَسَرِوَ پَريگِرَ هَهہ
شَريرَمِ ڪيوَلَمِ ڪَرمَ ڪُرِوَنِناپروتي ڪِلِبِشَمِ (٢١)

جنهن انتهڪرڻ ۽ شرير کي جيتي ورتو آهي. ڀوڳن جي سمپورڻ سامگري جنهن تياڳي ڇڏي آهي. اهڙي آشا رهت پرش جو شرير صرف ڪرم ڪندو ڏيکاري ڏئي ٿو. حقيقت ۾ هو ڪري ڌري ڪجهہ ڪونہ ٿو، ان ڪري پاپ کي پراپت نٿو ٿئي. هو پورڻتا کي پراپت آهي ان ڪري آواگمن کي پراپت نٿو ٿئي.

यदृच्छालाभसन्तुष्टो द्वन्द्वातीतो विमत्सर:।
सम: सिद्धावसिद्धौ च कृत्वापि न निबध्यते।।२२।।

”يَدرِڇا لايِسَنِتُشِٽو دِوَنداتيتو وِ مَتِسَرَهہ

سَمَهہ سِڌاوَسِڌوَ چہَ ڪِرتواپِي نہَ نِبَڌيَتي '' (٢٢)

پنهنجو پاڻ جو ڪجهہ بہ پراپت ٿئي ان ۾ راضي رهڻ وارو، سک دک راڳ دويش ۽ هرش شوڪ وغيرهہ جهيڙي کان پري ، ''وِمَتسَرَهہ'' حسد کان رهت سِڌي ۽ اڻسڌيءَ ۾ سم ڀاوُ رکڻ وارو پرش ڪرم ڪري بہ اُنهن ۾ ٻڌجي نٿو. سِڌي معنيٰ جنهن ڪي پائڻو هو هاڻي هو الڳ نہ آهي ۽ هو ڪڏهن جدا ٿيو بہ نہ هوندو، تنهنڪري اڻسڌي جو بہ ڏپ ڪونهي، اهڙي پرڪار سِڌي ۽ اسڌيءَ ۾ سم ڀاوَ رکڻ وارو پرش ڪرم ڪندي بہ نٿو ٻڌجي. ڪهڙو ڪرم هو ڪري ٿو؟ اُهيئي نيمت مقرر ٿيل ڪرم يگيہ جي پرڪريا. ان کي دهرائيندي چون ٿا.

गतसङ्गस्य मुक्तस्य ज्ञानावस्थितचेतसः।
यज्ञायाचरतः कर्म समग्रं प्रविलीयते।।२३।।

'' گتَسَنگَسِيہَ مُڪتسِيہَ گياناوَسِٿِتَچيتَسَهہ
يَگيا ياچَرَتَهہ ڪَرمَ سَمَگرَمِ پرَوِليِيَتي (٢٣)

''ارجن ! يگيا ياچَرَتَهڪُرمَ'' يگيہ جو آچرڻ ئي ڪرم آهي ۽ ساکياتڪار جو نالو ئي گيان آهي. هن يگيہ جو آچرڻ ڪري ساکياتڪار سان گڏ گيان ۾ اسٿت، سنگہ دوش ۽ آسڪتي (موهہ) کان رهت مڪت پرش جا سمپورڻ ڪرم چڱيءَ طرح ملي هڪ ٿي ٿا وڃن. اُهي ڪرم ڪوبہ ڦل اتپن نٿا ڪري سگهن، ڇو جو ڪرمن جو ڦل پرماتما اُنهن کان جدا نٿو رهي. هاڻي ڦل ۾ ڪهڙو ڦل لڳندو؟ تنهنڪري اُنهن مڪت پرش جي پنهنجي لاءِ ڪرم جي ضرورت سماپت ٿي وڃي ٿي. پوءِ بہ لوڪ سنگره جي لاءِ هو ڪرم ڪن ئي ٿا ۽ ڪندي بہ ڪرمن ۾ اٽڪن نٿا جڏهن ڪن ٿا، تہ اٽڪن ڇو نہ ٿا؟ ان تي چون ٿا:

ब्रह्मार्पणं ब्रह्म हविर्ब्रह्माग्नौ ब्रह्मणा हुतम्।
ब्रह्मैव तेन गन्तव्यं ब्रह्मकर्मसमाधिना।।२४।।

”برَهماپَڻَمِ بِرهَمَ هَوِ رِبرَهَمِياگِنئوُ هُتَمِ
بِرهَمَئِيوَ تينَ گَنِتَوِيَمِ برهِمَڪرِمَسماڌِنا (٢۴)

اهڙي مڪت پرش جو سمرپڻ برهم آهي، ٻل ۾ آهوتي برهم آهي، اگني به برهم ئي آهي معنيٰ برهم روپ اگنيءَ ۾ برهم روپي ڪَرتا دواران جو هَوَنُ ڪيو وڃي ٿو، اُهو به برهم آهي ”بِرَهَمِ ڪَرِمَ سَماڌِنا“ جنهنجا ڪرم برهم کي ڇهي پرڻام ڪري سماڌي اوستا ۾ ٿي چڪا آهن، ان ۾ سمائجي چڪا آهن، اهڙي مهاپرش لاءِ جو پراپت ڪرڻ جهڙو يوگيه آهي اُهو به برهم ئي آهي. هو ڪرتا ڏرتا ڪجهه به ڪونهي، فقط لوڪن جي لاءِ ڪرم ۾ وَرتي ٿو، ڪرم ڪري ٿو

اِهي تہ پراپت ڪرڻ واري مهاپرش جا لڪشڻ آهن، پرڪرم ۾ پرويش ڪرڻ وارا شروعاتي ساڌڪ ڪهڙو يگيه ڪندا آهن.

پوئين اڌياءَ ۾ شري ڪرشن چيو هو ارجن! ڪرم ڪر. ڪهڙو ڪرم؟ هنن ٻڌايو ”نِيَتَمِ ڪُرو ڪَرِمَ“ مقرر ڪيل ڪرم کي ڪر، نرڌارت ڪرم ڪهڙا آهن؟

”يگيارٿاتِڪَرِمڻونيَتِرَ لوڪويَم ڪرم بندنَهہ“ (٩-٣٠)

ارجن! يگيه جي پرڪريا ئي ڪرم آهي. هن يگيه ڪانسواءِ ٻيو جو ڪجهه ڪيو وڃي ٿو، اهو هن لوڪ جو ٻنڌن آهي نہ ڪِ ڪرم. ڪرم تہ سنسار ٻنڌن کان موڪش ڏياريندو آهي. هاڻي ”تَدَرِٿَمِ ڪوءَ نتييه مڪت سنگہ سماچر“ اُن يگيه جي پورتي جي لاءِ سنگہ دوش کان الڳ رهي چڱيءَ طرح يگيه جو آچرڻ ڪر. هتي هڪ نئون سوال يوگيشور ڏنو تہ اهو يگيه آهي ڇا، جنهن کي ڪريون ۽ ڪرم اسان کان پار لڳي؟ هنن ڪرم جون خاصيتن تي زور ڏنو، ٻڌايائون تہ يگيه آيو ڪٿان؟ يگيه ڏيندو ڇا آهي؟ هنجي خاصيتن جو چترڻ ڪيو. اڃا تائين اهو ڪونہ ٻڌايو هو تہ يگيه آهي ڇا؟

هاڻي هتي اُن يگيه کي ظاهر ڪن ٿا.

दैवमेवापरे यज्ञं योगिनः पर्युपासते।
ब्रह्माग्नावपरे यज्ञं यज्ञेनैवोपजुह्वति।।२५।।

”دَئيوَميواپَري يَگيَمِ يوگيِنَه پَريوُ پاسَتي
بِرهَماگِريوَ پري يَگيِمِ يگيينئوو پَجُهوتي (٢٥)

اڳئين شلوڪ ۾ يوگيشور شري ڪرشن پرماتما اسٿت مهاپرش جي يگيه جو فيصلو ڪيو، پر ٻيا يوگي لوڪ اُهي شروعات ڪٿان ڪن؟ ان تي چون ٿا ٻيا يوگي لوڪ دَئِوَمِ يَگيِمِ مطلب دئوي سمپد کي پنهنجي هردي ۾ ٻلوان بڻائين ٿا. جنهن جي لاءِ برهما جي آگيا هئي ته هن يگيه دواران توهين لوڪ ديوتائن جي اُنتي ڪريو. جيئن جيئن هرديه ديش ۾ دَئوي سمپد وڌندي اهائي توهانجي پرگتي هوندي ۽ سلسليوار پرسپر اُنتي ڪري پرم شِريه کي پراپت ڪريو. دَئوي سمپد کي هرديه ديش ۾ ٻلوان بڻائڻ پهرين پرويش ڪرڻ واري شريڻي، درجي وارن يوگين جو يگيه آهي.

اها دَئوي سمپد اڌياءَ ١٦ تي شروعاتي ٽن سلوڪن ۾ ورڻن ڪيل آهن. اُهي آهن ته سيني ۾، صرف ضروري ۽ خاص ڪرتويه سمجهي اُن کي جاڳرت ڪن ۽ اُنهن ۾ لڳن. اهو ڏسُ ڏيئي، اشارو ڪندي يوگيشور چيو ته ارجن! تون شوڪ نه ڪر، ڇو جو تون دئوي سمپتي کِي پراپت ٿيو آهين، تون مون ۾ نواس ڪندين ۽ منهنجي ئي پوتر سوروپ کي پراپت ڪندين، ڇاڪاڻ هيءَ دئوي سمپد پرم ڪلياڻ لاءِ ئي آهي ۽ انجي اُبتڙ آسوري سمپد نيچ ۽ اُڌم جوڻين جو ڪارڻ آهي. ان آسوري سمپد جو هَوَنُ ٿيڻ لڳندو آهي تنهنڪري اهو يگيه آهي ۽ اتان ئي يگيه جو آرنڀ آهي.

ٻيا يوگي ”برهماگنئوُ“ پر برهم پرماتم روپ اگنيءَ ۾

يگيہ جي دواران ئي يگيہ جو انوشٺان، شروعات ڪندا آهن. شري ڪرشن وڏيڪ ٻڌايو تہ هن شرير ۾ اڌييگيہ مان آهيان. يگين جا اڌشٺاتا معنيٰ ڀڳوان مان آهيان جنهن ۾ يگيہ اچي ملن ٿا. اُهو پرش مان آهيان. شري ڪرشن هڪ يوگي هئا، ستگرو هئا. ان پرڪار ٻيا يوگي جن برهم روپي اگنيءَ ۾ يگيہ جي شروعات ڪن ٿا، ٿوري ۾ چئجي تہ ستگروءَ جي سوروپ جو ڌيان ڪندا آهن.

श्रोत्रादीनीन्द्रियाण्यन्ये संयमाग्निषु जुह्वति।
शब्दादीन्विषयानन्य इन्द्रियाग्निषु जुह्वति।।२६।।

”شِروترادينيندِرِ ياڻيَنِيي سَنيَماگنيشوُ جُهوَتي
شَبداديِنوَشَيانَنيہ اِندِرَ ياگنيِشوُ جهوَتي (٢٦)

ٻيا يوگي جن شِروترادِڪہ (ڪن، اکيون، ٽُوچا، چمڙي، جيڀ، نڪ) سڀ اندرين جو سنيم روپي اگنيءَ ۾ هَوَن ڪندا آهن مطلب تہ اندرين کي وشين مان سميٽي روڪ ڪري ٿا ڇڏين. هتي باهہ نٿي ٻري. جيئن اگني ۾ وجهڻ سان هر وستو ڀسم ٿي ويندي آهي، نيڪ ان طرح سَنيَم بہ هڪ اگني آهي جا اندرين کي سمپورڻ ٻاهر مکي ڌارا کي ڀسم ڪري ٿي ڇڏي. ٻيا يوگِي شبد وغيره (شبد، اسپرش، روپ، رس ۽ گنڌ) وشين کي اندرين روپي اگني ۾ هَوَن ڪري ڇڏيندا آهن مطلب تہ اُنهنجو آڌار بدلائي ساڌنا وارو بڻائي ڇڏيندا آهن.

ساڌڪ کي سنسار ۾ رهي ئي تہ ڀڄن ڪرڻو آهي.لوڪن جا ڀلا بُرا اکر، شبد هن سان ٽڪرائيندا ئي رهندا آهن.وشين جي تيج وارا اهڙا شبد ٻڌندي ئي ساڌڪ اُنهن جي ارادن کي يوگ ويراڳ وارا سهايڪ، ويراڳ تيز ڀاءُ ۾ بدلائي اِندريہ روپي اگني ۾ هَوَن ڪري ڇڏيندو آهي. جيئن ڪ ارجن پنهنجي چنتن ۾ رَتو پيو هو. اچانڪ هنجي ڪنن-جي پاپرين ۾ سنگيت جي لهر

جھونجھنا اُٿي. ھن ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏٺو تہ اُروشي بيٺي ھئي، جا ھڪ وئيشا ھئي. سڀ ھن جي روپ تي مگڌ ٿي جھومي رھيا ھُئا، پر ارجن ھن کي سنيھہ سان ماءُ جي روپ ۾ ڏٺو. اُن شبد سان ملڻ وارا وڪار لڪي ويا، گم ٿي ويا. اندرين جي انترال ۾ ئي سمائجي ويا.

ھتي اندريہ ئي اگني آھي. اگنيءَ ۾ وڌل وستو جيئن ڀسم ٿي ويندي آھي، اھڙيءَ طرح ارادو بدلي اِشٽ جي اَنڪول ڍال وٺڻ سان وشين جا تيج، روپ رس، گنڌ، سپرش ۽ شبد بہ ڀسم ٿي وينداآھن. شاڌڪ تي خراب اثر نٿا وجھي سگھن. ساڌڪ شبد وغيره ۾ رُچي نٿو رکي، انھن کي گرھڻ نٿو ڪري.

ھنن شلوڪن ۾ ’’اپري‘‘، اُنيہ‘ شبد ھڪ ئي ساڌڪ جي اوچي نيچي اوسٿائون آھن. ھڪ ئي يگيہ ڪرتا اوچو نيچو ليول آھي، نہ ڪِ اَپري، اَپري چوڻ سان ڪوئي الڳ الڳ يگيہ.

सर्वाणीन्द्रियकर्माणि प्राणकर्माणि चापरे।
आत्मसंयमयोगाग्नौ जह्वति ज्ञानदीपिते।।२७।।

’’سُرووا ڻِيندرِيڪَرماڻِي پراڻڪرماڻِي چاپَري
آتِمنسنيَمَيو گَگنئوُ جُھوتِي گياندِيپِتي (٢٧)

ھيل تائين يوگيشور جنھن جي چرچا ڪئي، اُن ۾ سليسليوار دئوي سمپد کي گڏ ڪيو ويندو آھي. اِندِريُن جي سمپورڻ ڪوشش جو سنيم ڪيو ويندو آھي. تيز وشين، شبدن وغيره جي ٽڪرڻ تي بہ اُنھن جو رخ بدلي اُنھن ڪان پڇيو وڃي ٿو. ان ڪان بھتر اوسٿا ھئڻ تي ٻين يوگي جن سمپورڻ اندرين جي ڪيل چرپر ۽ پراڻ جي واپار کي ساڪياتڪار سان گڏ گيان سان پرڪاشت پرماتم اسٿتي روپي يوگ اگنيءَ ۾ ھَوَنُ ڪندا آھن. جڏھن سنيم جي ڏور آتما سان تدروپ ٿي ويندي آھي، پراڻن ۽ اِندريُن جو واپار بہ شانت ٿي ويندو

آهي، ان وقت وشين تدروپ ڪرڻ واري ۽ اِشٽ ۾ پرورتي ڏيارڻ واري ٻئي ڌارائون آتمسات معنيٰ هڪ ٿي وڃن ٿيون. پرماتما ۾ استٿتي ملي ٿي وڃي، يڳيہ جو نتيجو، ڦل نڪري وڃي ٿو. اها آهي يڳيہ جي مٿين منزل. جنهن پرماتما کي پاڻو هو، اُن ۾ استٿتي اچي ويئي تہ باقي ڇا رهيو؟ وري يوگيشور شري ڪرشن يڳيہ کي چڱيءَ طرح سمجهائين ٿا.

द्रव्ययज्ञास्तपोयज्ञा योगयज्ञास्तथापरे।
स्वाध्यायज्ञानयज्ञाश्च यतय: संशितव्रता: ।।२८।।

”دِر وِيَگياسِتپويگيا سِنٿا پَري
سِوادِڌيايگِيا نَيگياشچہيَتَيہ سَنشِتوتاها (٢٨)

انيڪ لوڪ درويہ يڳيہ ڪندا آهن منعيٰ آتم پٿ ۾ مهاپرش جي شيوا ۾ پن-گل ارپڻ ڪن ٿا. هو سمپورڻ سان گڏ مهاپرش جي شيوا ۾ ڌن بہ لڳائين ٿا. شري ڪرشن وڌيڪ چون ٿا تہ ڀڳتي ڀاوَ سان پَن، گل،ڦل جل جو ڪجهہ بہ مونکي ڏين ٿا، اُنهن کي مان کاوان ٿو ۽ اُنجو پرم ڪلياڻ پيدا ڪرڻ وارو ٿيندو آهيان. اهو بہ يڳيہ آهي. هر آتما جي شيوا ڪرڻ،ڀليل کي آتم راهہ تي آڻڻ درويہ يڳيہ آهي. ڇو جو پراڪرتڪ سنسڪارن کي جلائڻ ۾ سمرٿ آهي.

ان طرح ڪيترا پرش”تپويگياها“ سِوَڌرم پالڻ ۾ اندرين کي تپائين ٿا منعيٰ سياءَ کان اتپن شڪتيءَ انوسار يڳيہ جي نِمِرَ ۽ واڌاري وارين اوسٿائن جي وچ ۾ تَپن ٿا. ان پٿ جي ٿوري ڄاڻ هئڻ سبب پرڪريا ۾ ڀهرئين در جي جو ساڌڪ شودر پَرِچَرِ يا (شيوا) دواران. وئشيہ دَئوي سمپد جي سنگرهہ دواران، ڪتري ڪام ڪروڌ جي ناس ڪندڙ جي دواران ۽ براهمڻ برهم ۾ پرويش جي يوگيتا جي ليول سان اندرين کي تپائي ٿو. سڀ ڪنهن کي هڪ جهڙي محنت ڪرڻي پوندي آهي. حقيقت ۾ يڳيہ هڪ ئي

آهي. اوسٿا جي انوسار اوچا نيچا درجا گذاندا وڃن ٿا.

پوڄيہ مهاراج جي چوندا هئا- هن سان گڏ اندرين ۽ شرير کي منزل (لکشيہ) صحيح نموني ٽپائڻ ئي ٽپُ چوائيندو آهي. هو منزل کان پري پهچندا، اُتان سميٽي هُتي ئي لڳايو.``

گهٽيئي پرش يوگہ يگيہ جو آچرڻ ڪندا آهن. وهنوار ڪندا آهن. پرڪرتي ۾ پٽڪندڙ آتما جو پرڪرتي کان پري پرماتماسان ملڻ جو نالو ``يوگ`` آهي. يوگ جي وياکيا اڌياءَ ٦ ١-٢٣) ۾ ظاهر آهي. گهڻو ڪري ٻن شين جو ملڻ يوگ چوائيندو آهي. ڪاغذ سان قلم ملي ويو، ٿالهي ۽ ميز ملي ويا تہ ڇا يوگ ٿي ويو؟ نہ هتي پنجن پوتن مان پيدا ٿيل پدارٿ آهن. هڪ ئي آهن، ٻہ ڪٿي؟ ٻہ پرڪرتي ۽ پرش آهن. پرڪرتي ۾ اسٿت ٿيل آتما پنهنجي شپ روپ پرماتما ۾ پرويش پائي وڃي ٿو تہ پرڪرتي پرش ۾ سمائجي ٿي وڃي.اهو ئي يوگ آهي هاڻي انيڪ پرش ان ۾ ملڻ سهايڪ شم، دم وغيره نيمن جو چڱي طرح پالن ڪنٿا. يوگ يگيہ ڪرڻ واري توڙي اهنسا وغيره تکن ورتن سان يڪت يتن شيل پرش``سِواڌ يا يگيان يگيہ شِڇہ`` پنهنجو اڀياس، سوروپ جو اڀياس ڪرڻ وارا گيان يگيہ جا ڪرتا آهن. هتي يوگ جي انگن(يم،نيم، آسڻ پراڻايام، پرتيهار، ڌارڻا، ڌيان ۽ سماڌي کي) اهنسا وغيره ڪنن وِرتن سان مقرر ڪيو ويو آهي. انيڪ لوگ سواڌيايہ ڪندا آهن. پستڪ پڙهڻ تہ سواڌيايہ آهي پنهنجو اڀياس، جنهن سان سوروپ جو گيان ٿئي ٿو، جنهنجو ڦل آهي گيان منعيلِ ساکياتڪار.

يگيہ جو وڌيڪ ڏاکو ٻڌائين ٿا-

अपाने जुह्वति प्राणं प्राणेऽपानं तथापरे।
प्राणापानगती रुद्ध्वा प्राणायामपरायणाः।।२९।।

``آپاني جُهوَتي پراڻم پراڻيپانَم تٿاپَري

پراڻاپانگتيِ رُڌروا پراڻايامپرايڻاهہ (٢٩)

گهڻا يوگي اپان وايوُ ۾ پراڻ وايوُ کي هون ڪن ٿا ۽ اُنهي پرڪار پراڻ وايوُ جو هَوَن ڪن ٿا. ان ۾ سوکيم اوسٿا ٿي وڃڻ تي ٻيا يوگي جن پراڻ ۽ اپان ٻنهي جي گتيِ روڪي پراڻايام پرايڻ ٿي وڃن ٿا.

جنهن کي شري ڪرشن پراڻ اَپان چون ٿا، ان کي مهاتما ٻڌ''اناپان'' چوي ٿو. ان کي هنن وشواس-پروشواس بہ چيو آهي. پراڻ اُهو سواس آهي جنهن کي توهين اندر ڇڪيو ٿا ۽ اَپان اُهو سواس جنهن کي توهين ٻاهرڪڍو ٿا. يوگين جي انوڀوتي آهي تہ توهين سواس سان گڏ ٻاهرئين ڪنهن وايومنڊل جي سنڪلپ بہ گرهڻ نہ ڪرڻ پراڻ جو هَوَنُ آهي ۽ اندر سنڪلپن کي نہ اُٿڻ ڏيڻ اپان جو هَوَنُ. نہ اندران ڪنهن سنڪلپ جي يادگيري هجي ۽ نہ ئي ٻاهران ۾ هلڻ وارا چنتن اندر مونجهہ اتپن ڪري سگهن. ان طرحراڻ اپان جي ٻنهي جي گتي هڪ ٿي وڃڻ تي پراڻن جو يام معنيٰ پڪڙ ٿي ٿي وڃي، اهو ئي پراڻايام آهي. اها من جي وجيہ اوسٿا آهي. پراڻن جو رُڪڻ ۽ من جو رُڪڻ هڪ ئي ڳالهہ آهي.

هرهڪ مهاپرش ان طريقي جو آڌار ورتو آهي. ويدن ۾ انهن جو اُليکہ آهي ''چَتِوارِ واڪ پَرِمتا پَدانِ (رگ ويد- ١٦٤-٤٥-١) (اٿرِوَ ويد ٩-١٥-٢٧) انهي کي پوجيہ مهاراج جي چوندا هئا '' هو هڪ ئي نالو چئني ڏاڪن تي جپيو وڃي ٿو. ٻئکري، مڌيما، پشينتي ۽ پرا. ٻئکري ان جي چوندا آهن، جو ظاهر ٿي وڃي. نام جو اُچار اهڙي طرح ڪر تہ توهين ٻڌو ۽ ٻاهر ڪوئي وينو هجي اُن کي بہ ٻڌڻ ۾ اچي. مڌيما معنيٰ مڌيم سُر ۾ جپ، جنهن کي فقط توهين ئي ٻڌو، پاسي ۾ وينل ماڻهو بہ ان اُچارڻ کي ٻڌي نہ سگهي. اهو اُچارڻ گلي

مان ٿيندو آهي. آهستي آهستي نام جي ڌن ٻڌجي ويندي آهي، ڏور لڳي ٿي وڃي. ساڌنا اڃا بہ سوکيم ٿيڻ سان پَشينتي معنيٰ نام ڏسڻ جي اوستا اچي ٿي وڃي، پوءِ نام جو جاپ نٿو وَڃي. اهوئي نام سواس ۾ ڍَلجي ويندو آهي. من کي درشٽا (ڏسندڙ) ٻڻائي ڪڙو ڪري ڇڏ، ڏسندو رهہ تہ سواس ڇئي ڇا ٿو؟ سواس اچي ڪڏهن ٿو؟ ٻاهر ڪڏهن ٿو نڪري؟ ڇاٿو چوي؟'' مهاپرش جو چوڻ آهي سواس نام ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ چوي ئي نٿو. ساڌڪ نام جو جپ نٿو ڪري، صرف هنجي اُٿڻ واري ڏُن کي ٻڌي ٿو، سواس کي ڏسي ضرور ٿو ان ڪري 'پشينتي' چون ٿا.

پشينتي من کي درشٽا روپ ۾ ڪڙو ڪرٽو پوندو آهي، پر ساڌن اڃا بہ اڳيان وڌڻ تي ٻُڌڻو بہ نٿو پوي. هڪ وار سُرت پرپور لڳي وڃي پاڻيهي ٻُڌڻ ۾ ايندو ''جَپَئہ نہ جَپاوَئہ'' نہ پاڻ جپ، نہ من کي ٻڌڻ لاءِ ٻَڌُ ۽ جپ هلندو رهي، ان جو نالو آهي اَجپا. ائين نہ ٿئي جو جپ شروع ئي نہ ڪريو ۽ اچي ويئي اَجپا. جيڪڏهن ڪنهن جپ آرنڀ نہ ڪيو، تہ اَجپا نام جي ڪابہ وَستو هن وقت ڪونہ هوندي. اجپا جو ارٿ آهي، اسين نہ جپيون پر جپ اسانجو ساٿ نہ ڇڏي. هڪ وار سُرت جو ڪانٽو لڳاءِ پري ڇڏ تہ جپ جي ڌارا شروع ٿي وڃي ۽ لڳاتار هلندو رهي. ان سپاويڪ جپ جو نالو آهي اجپا ۽ اهائي آهي ''پراواڻي جو جپ'' هيءَ پرڪرتيءَ ڪان پري تَتِوَ پرماتما ۾ پرويش ڏياري ٿي. هن ڪان اڳيان واڻيءَ ۾ ڪوئي پريورتن - بدلاءُ نہ آهي. پرم جو دِگِدَرشن ڪرائي اُن ۾ سمائجي ويندي آهي ان ڪري ان کي پَرا چون ٿا.

ڏنل شلوڪ ۾ يوگيشور ڪرشن صرف سواس تي ڌيان رکڻ لاءِ چيو، جڏهن ڪ اڳيان پاڻ اوم جي جپ تي زور ڏين ٿا. گوتم ٻُڌُ بہ ''انا پان ستي'' سواس - پساهہ جي ئي چرچا

ڪئي آهي. آخر اُهي مهاپرش چوڻ ڇا ٿا چاهين؟ حقيقت ۾ شروعات ۾ ٻئڪري، ان سان مڌيما ۽ ان سان اُنَتِ ٿيڻ تي جپ جي پَشينتي. اوستا ۾ سواس پڪڙ ۾ اچي ٿو. اُن وقت جپ نه سواس ۾ ڍليل ملندو، پوءِ جپيون ڇا؟ پوءِ نه صرف ڏسڻ ئي باقي آهي. ان ڪري پران اَپان ماتر چيو، ”نام جپو“ ائين ڪونه چيو، سبب نه چوڻ جي ضرورت ئي ڪونهي. جيڪڏهن چون ٿا، ته گمراهه ٿي هيٺين درجي ۾ چڪر ڪاٽڻ لڳندو. مهاراجا ٻُڌُ، ”گرديو ڀڳوان“ توڙي هرهڪ مهاپرش جي ان رستي تان گذريا آهن، سڀ هڪ ئي ڳالهه ڪن ٿا، چون ٿا. ٻئڪري ۽ مڌيما نام- جپ جا داخلا دوار ماتر آهن. پَشينتيءَ کان ئي نام ۾ پرويش ملي ٿو. پَرا ۾ نام ڏاراواهي ٿي ويندو آهي، جنهن سان جپ ساٿ نٿو ڇڏي.

من سواس سان جڙيل آهي. جڏهن سواس تي درشٽي آهي، سواس ۾ نام ڍلجي چڪو آهي، اندران نه ته ڪنهن سنڪلپ جو اُٿان آهي ۽ نه ٻاهرئين وايومنڊل جا سنڪلپ اندر پرويش ڪري ٿا سگهن، هيءَ ئي من تي وجيه جي اوستا آهي. ان سان گڏ يگيه جو ڦل نڪري اچي ٿو.

अपरे नियताहाराः प्राणान्प्राणेषु जुह्वति।
सर्वेऽप्येते यज्ञविदो यज्ञक्षपितकल्मषाः।।३०।।

”اَپري نِيَناهاراهه پراڻا نِپراڻيشوُ جُهوَتي
سَروي پِيَتي يگيودو يگيشَپِتَڪلِمشاهه (٣٠)

ٻيا نيمت آهار ڪرڻ وارا پراڻ کي پراڻ ۾ ئي هَوَن ڪندا آهن. ”پوجيه مهاراج جي“ چوندا هئا ته ”يوگي جو آهار درڍ، آسن درڍ ۽ ننڊ درڍ هئڻ گهرجي“. آهار - وهار تي ڪنٽرول ڏاڍو ضروري آهي. اهڙا انيڪ يوگي پراڻ کي پراڻ ۾ ئي هَوَن ڪري ڇڏيندا آهن معنيٰ سواس کڻڻ تي ئي پورو ڌيان رکندا

آهن، پساهہ، پرشواس تي ڌيان ڏئي ٿا ڏين. سواس آيو تہ ٻڌائون
اوم، وري سواس آيو تہ ”اوم“ ٻڌندا رهيا. ان طرح يگين
دواران نشٽ وارا پاپ وارا اُهي سڀ پرش يگيہ جا ڄاڻندڙ آهن.
انهن مقرر وِڌِيُن مان جيڪڏهن ڪٿان بہ ڪندا آهن تہ سڀ
يگيہ جا گياتا آهن. هاڻي يگيہ جو ڦل ٻڌائين ٿا.

यज्ञशिष्टामृतभुजो यान्ति ब्रह्म सनातनम्।
नायं लोकोऽस्त्ययज्ञस्य कुतोऽन्यः कुरुसत्तम।।३१।।

”يَگيَشِشٽا مِرِتَڀُجو يانِتي بِرَهمَ سَناتَنَمِ
نايَمِ لوڪو سيتيَيَگيَسيَ ڪُتونِيَهہ ڪُروُ سَتَم (۳۱)

ڪُروُ سريشٽ ارجن! ”يگيَشِشٽا مِرِتَڀُجو“ يگيہ جنهنجي
سرشٽي ڪري ٿو، جنهن کي بنا ڪنهن پيد جي، ساڳيو ئي
ڇڏي ٿو، اُهوئي آهي امرت. اُنجي خاص ڄاڻ گيان آهي.
اُن گيان امرت کي ڀوڳڻ ارٿات پراپت ڪرڻ وارا يوگي جن
”يانتي برهم سناتنم“ پوتر سناتن پر برهم کي پراپت ٿين
ٿا. يگيہ اهڙي وستو آهي، جا پورڻ ٿيندي ئي سناتن پربرهم
۾ پرويش ڏياري ٿي. يگيہ نہ ڪري، تہ تڪليف ڪهڙي آهي،
شري ڪرشن چون ٿا تہ يگيہ رهت پرش کي وري منشلوڪ
معنيٰ مانو شرير بہ سولو نٿو ٿئي، پوءِ ٻيا لوڪ ڪيئن سگهائي
ٿيندا؟ اُنجي لاءِ تہ ”تِريڪ (خراب) جوٽيون سرڪشت آهن،
ان ۾ وڌيڪ ڪجهہ نہ آهي. تنهنڪري يگيہ ڪرڻ منشن لاءِ
تمام ضروري آهي.

एवं बहुविधा यज्ञा वितता ब्रह्मणो मुखे।
कर्मजान्विद्धि तान्सर्वानेवं ज्ञात्वा विमोक्ष्यसे।।३२।।

”ايوَم بهوُوِڌا يَگيا وِتَتا بِرَهِمَڻو مُکي
ڪَرِمَجانِوَڌي تانِسَروانيوَمِ گياتِوا وِموکشيَسي (۳۲)

اهن طرح مٿي چيل گهڻن ئي پرڪارن جا يگيہ ويد جي

واڻيءَ ۾ چيا ويا آهن. برهم جي مک مان وستار سان چيا ويا آهن. پراپتيءَ کان پوءِ مهاپرشن جا شريرن کي پربرهم ڌارڻ ڪندو آهي. برهم سان مليل اوستا وارا اُنهن مهاتمائن جي ٻُڌي اوزار وانگر هوندي آهي. اُن دواران اُهو برهم ئي ٻوليندو آهي. اُنهن جي واڻيءَ ۾ يڳين جو وستار ڪيو ويو آهي.

انهن سيني يڳين کي تون ”ڪَرمَ جان وڌي“ ڪرم مان اُتپن ٿيل ڄاڻُ، اهو پهرين ٻه چئي آيا آهيون ” يڳيه ڪَرمَسَمُدڀِوَ“ (۴١-٣) اُنهن کي هن پرڪار سان ڪرياتمڪ هلي ڄاڻي وڃڻ تي (هاڻي ٻڌايو اٿم، يڳيه ڪري جنجو پاپ نشٽ ٿي چڪو آهي، اُهيئي يڳيه جا سچا ڄاڻو آهن) ارجن! تون ”وِموڪِشيَسي“ سنساري ٻنڌن کان پوريءَ طرح ڇٽي ويندين. هتي يوگيشور ڪرم کي صاف ظاهر ڪري ڇڏيو. اُها حرڪت ڪرم آهي، جنهن سان مٿي ڇيل يڳيه پورا ٿين ٿا.

هاڻي جيڪڏهن ڏَئوي سَمپَدِ جو ارجن، سدگروءَ جو ڌيان، اندرين جو سنجم سواس جو پساهه ۾ هَوَن، پساهه جو سواس ۾ هَوَن. پراڻ اپان جي گتي جو نروڌ ڪيتي ڪرڻ سان ٿيندو آهي واپار، نوڪري يا راڄنيتي ڪرڻ سان ٿيندو آهي. ته توهين ڪريو. يڳيه ته اهڙي ڪِريا آهي، جو پورڻ ٿيندي ئي يڪدم پربرهم ۾ پرويش ڏياري ٿو. ٻاهرئين ڪنهن ٻه ڪاريه سان توهين يڪدم برهم ۾ پرويش پائي ٿا وڃو ته ڪريو.

حقيقت هي سڀ جا سڀ يڳيه چنتن جي اَندريوُن ڪِريائون آهن، آراڌنا جو چترڻ آهن، جنهن سان آراڌيه ديو ظاهر ٿئي ٿو. يڳيه اُن آراڌيه تائين فاصلي کي طئه ڪرڻ جي مقرر ڪيل پرڪريا خاص آهي. هيءُ يڳيه سواس پساهه پراڻايام وغيره جنهن ڪِريا سان سَمپن (پورا) ٿين ٿا، اُن ڪاريه جي طريقي جو نالو ڪرم آهي. ڪرم جو شڌ ارٿ آهي ”آراڌنا“ ، ”چنتن“.

گھڻو ڪري ماڻھو چوندا آھن تہ سنسار ۾ ڪجھہ بہ ڪيو وڃي، تہ ٿي ويو ڪرم. ڪامنا بنا ڪجھہ بہ ڪندا وڃو، ٿي ويو نشڪام ڪرم يوگہ. ڪوئي چويٿو تہ وڏيڪ فائدي لاءِ وديشي ڪپڙا ٽا وڪڻن، تہ توھين سڪامي آھيو. ديش شيوا لاءِ سوديشي وڪڻو، تہ ٿي ويا نشڪام ڪرم يوگہ. وشواس سان نوڪري ڪريو. ھاڃي لاپ جي چنتا کان مڪت ٿي واپار ڪريو، ٿي ويو نشڪام ڪرم يوگہ . ھار جيت جي ڀاونا کان مڪت ٿي يڌ ڪريو، چوندون لڙو، ٿي ويا نشڪامي. مرندا تہ مڪت ٿي ويندا. حقيقت ۾ اھڙو ڪجھہ بہ نہ آھي. يوگيشور شري ڪرشن صاف شبدن ۾ ٻڌايو تہ ان نشڪام ۾ مقرر ڪيل ڪِريا ھڪ ئي آھي ’’وِسوَ سايا تِمِڪا بڌيريھيڪھ ڪُروُنندن ا ‘‘ ارجن! تون مقرر ٿيل ڪرم ڪي ڪر. يگيہ جو متوئي ڪَرم آھي. يگيہ ڇا آھي؟ سواس - پساھہ جو ھَوَن، اندرين جو سنجم، يگيہ سوروپ مھاپرش جو ڌيان، پراڻايام-پراڻن جو نروڌ. اھائي من جي وجيتا اوستا آھي. من جو پسارو ئي جڳت آھي. شري ڪرشن جي شبدن ۾، ’’اِھَھَئيوَ تَئيرجِتَھہ سَرِگو ييشام سامِيي اِستِتَمِ منھہ‘‘(٥-١٩). انھن پرشن دواران چراچر جڳت ھتي ئي جيتيو ويو، جنھن جو من ھيڪڙائيءَ ۾ استت آھي. ڀلا من جي سَمَ ڀاوَ ۾ جڳت ڪي جيتڻ جو ڪھڙو سنبنڌ آھي. جڏھن جڳت ڪي جيتي ئي ورتو اٿيئي تہ رُڪئين ڪٿي؟ تڏھن چون ٿا، اُھو برھم نردوش ۽ سم ڀاوَ آھي، ھتي من بہ نرودش ۽ سَمَ ڀاوَ جي استتي وارو ٿي ويو آھي، تہ ھاڻي ھو برھم ۾ استت ٿي وڃي ٿو. ٿوري ۾ چئجي تہ من جو پسارو ئي جڳت آھي، چراچر جڳت ئي ھَوَن. سماڌي جي روپ ۾ آھي. من جو سپ پاسي نروڌ ٿيندي ئي جڳت جو نروڌ ٿي ٿو وڃي. من جي روڪڻ سان ئي يگيہ جو ڦل نڪري ٿو اچي. يگيہ جنھنجي

سرشٽي ڪري ٿو، اُن گيان امرت جي پيئڻ وارو پرش سناتن برهم ۾ داخل ٿي ٿو وڃي. هي سڀ يگيہ برهم اسٿت مهاپرشن جي واٽيءَ دواران ڇيا ويا آهن. ائين ڪونهي تہ الڳ الڳ سمپردائين جا ساڌڪ الڳ الڳ پرڪار جا يگيہ ڪن ٿا. بلڪ هي سڀ يگيہ هڪ ئي ساڌڪ جي اوچي. نيچي اوسٿائون آهن. هيءُ يگيہ جنهن ڪان ٿيڻ لڳي، ان ڪِريا جو نالو ڪرم آهي. سڄي گيتا ۾ هڪ بہ شلوڪ اهڙو ڪونهي. جو سنسارڪ واپارن جو سمرٿن ڪندو هجي.

گهڻو ڪري يگيہ جو نالو اچڻ تي لوڪ هڪ يگيہ-ويدي ٺاهي تِرِ جَوَ کڻي ''سواها'' چوندي هَوَن شروع ڪري ڇڏيندا آهن. اهو هڪ دوکو آهي. درويہ يگيہ ٻيو آهي، جنهن کي شري ڪرشن ڪيترا دفعا ڇيو. پر جانور جي ٻلي شيون باهہ ۾ وجهڻ سان هنجو ڪوئي سنٻنڌ نہ آهي.

श्रेयान्द्रव्यमयाद्यज्ञाज्ज्ञानयज्ञः परन्तप।
सर्वं कर्माखिलं पार्थ ज्ञाने परिसमाप्यते।।३३।।

''شِريياندِرَويَمَياديَگياجگيان يَگيَهہ پَرِنتَپ
سَروَمِ ڪَرِماکِلَمِ پارٿ گياني پَريسماپِيَتي (٣٣)

ارجن! سنسارڪ ڌن سان سڌ ٿيڻ واري يگيہ جي ڀيٽ ۾ گيان يگيہ (جنهنجو ڦل گيان (ساکياتڪار) آهي، يگيہ جنهنجي سرشٽي ڪري ٿو، ان امرت تَتوَ جي ڄاڻ جو نالو گ يان آهي، اهڙو يگيہ) ڀاڳہ وارو آهي، پرم ڪلياڻڪاري آهي. هي پارٿ سمپورڻ ڪرم گيان ۾ باقي شيش ٿي ويندا آهن. ''پَريسماپِيَتي'' ڇگيءَ طرح سمائجي وڃن ٿا. گيان يگيہ جي حد آهي، مٿين چوٽي آهي. ان ڪان پوءِ ڪرم ڪرڻ سان نہ ڪوئي لاڀ آهي ۽ نہ ڇڏڻ سان اُن مهاپرش جو نقصان آهي. ان طرح سنساري ڌن سان ٿيڻ وارو يگيہ بہ يگيہ آهي پر اُن

يگيہ جي پيٽ ۾، جنهنجو ڦل ساڪياتڪار آهي، ان گيان يگيہ جي پيٽ ۾ تمام ننڍو آهي. توهين ڪروڙن جو هَوَنُ ڪريو، سوين يگيہ ويدي ٺاهيو، پر اُپڪار ۽ ستيہ جي راهہ تي ڌن لڳايو، ساڌو سنت مهاپرشن جي شيوا ۾ ڌن لڳايو پر هن گيان يگيہ جي پيٽ ۾ تڇ آهي. حقيقت ۾ يگيہ سواس -پساهہ جو آهي، اِندريَن جي سنجم جو آهي. من کي ضابطي ۾ رکڻ جو آهي، جيئن شري ڪرشن هاڻي ٻڌائي آيو آهي. هن يگيہ کي پراپت ڪٿان ڪيو وڃي؟ اُن جي وِڌي ڪٿان سکون؟ مندرن، مسجدن، گرجا گهرن ۾ ملندو يا پستڪن ۾؟ تيرٿ ياترائن ۾ ملندو يا سنان ڪرڻ سان ملندو؟ شري ڪرشن چون ٿا نہ، اُنجو تہ هڪ ئي نهر آهي، هڪڙو ئي اُپاءُ آهي تَتِوَ استت مهاپرش، جيئن

तद्विद्धि प्रणिपातेन परिप्रश्नेन सेवया।
उपदेक्ष्यन्ति ते ज्ञानं ज्ञानिनस्तत्त्वदर्शिन:।।३४।।

”تَدِوِڌي پِراڻِپاتينَ پَرِيپرَشنينَ سيويا
اُپديڪِشنِتِي تي گِيانَمِ گياننَسِتَتِوَ درشَنَهہ (٣٤)

ان ڪري ارجن! تون تَتِوَ درشي مهاپرش وٽ وڃي چڱيءَ طرح نماڻو ٿي، سِر جهڪائي (ڏنڊوت پرڻام ڪري. اهنڪار تياڳي، شرن ۾ وڃي چڱيءَ طرح شيوا ڪري، نشڪپٽ ڀاوَ سان سوال ڪري تون اُن گيان کي ڄاڻُ. هو تَتِوَ کي ڄاڻڻ وارا يوگي جَنَ تنهنجي لاءِ اُن گيان جو اُپديش ڪندا، ساڌنا جي راهہ تي هلائيندا، سمرپت ڀاوَ سان شيوا ڪرڻ کان پوءِ ئي اُن گيان کي سکڻ جي شڪتي اچي ٿي. تَتِوَ درشي مهاپرش پرم تَتِوَ پرماتما جو ساڪيات درشن ڪرڻ وارا آهن. هو يگيہ جي وِڌيءَ جا خاص ڄاڻو آهن ۽ اُهي ئي توکي سيکاريندا. جيڪڏهن ٻيو يگيہ هجي ها، تہ گياني تَتِوَ درشي جي ڪهڙي ضرورت هئي .

خود ڀڳوان جي سامهون ئي تہ ارجن بيٺو هو. ڀڳوان هن کي تَتِوَ درشي وٽ ڇو ٿا موڪلين؟ حقيقت ڪرشن هڪ يوگي هو. هنجو خيال آهي تہ اڄ تہ انوراڳ (موهہ وارو) ارجن مون وٽ سامهون بيٺو آهي، آئينده ۾ انوراڳين کي ڪٿي ڀرم نہ ٿي وڃي تہ شري ڪرشن تہ هلي ويو، هاڻي ڪنهنجي شرڻ ۾ وڃون؟ ان ڪري هنن صاف ڪيو تہ تَتِوَ درشي وٽ وڃ. هو گياني جن توکي اُپديش ڪندا ۔

यज्ज्ञात्वा न पुनर्मोहमेवं यास्यसि पाण्डव।
येन भूतान्यशेषेन द्रक्ष्यस्यात्मन्यथो मयि।।३५।।

”يَجِگياتِوا پُنَرِ موهَميوَمِ ياسِيَسي پانڊوَ
يينَ ڀوُتانِيَشيشيڻَ دِرَڪشيسياتِمَنِيٿو مَيِيِ (٣٥)

هن گيان کي ڄُڻن دوارا سمجهي‌تون ان پرڪار وري ڪڏهن موهہ کي پراپت نہ ٿيندين. هنن کان مليل جانڪاري، ڄاڻ جي دوارا اُن تي هلندي تون پنهنجي آتما جي اندر سمپورڻ ڀوتن کي ڏسندين مطلب سڀني پراڻين ۾ انهيءَ آتما جو پسارو ڏسندين. جڏهن سڀ هنڌ جيڏانهن تيڏانهن آتما جي پساري کي ڏسڻ جي شڪتي اچي ويندي، تنهن کان پوءِ تون مون ۾ پرويش ڪندين. هاڻي اُن پرماتما کي پائڻ جو ساڌن تَتِوَ اسٿت مهاپرش جي دوارا آهي. گيان جي سنبنڌ ۾ ڌرم ۽ سناتن سَتِيہ جي سنبنڌ ۾ شري ڪرشن انوسار ڪنهن تَتِوَ درشيءَ کان ئي پڇڻ جو دستور آهي، ريت آهي.

अपि चेदसि पापेभ्य: सर्वेभ्य: पापकृत्तम:।
सर्वं ज्ञानप्लवेनैव वृजिनं सन्तरिष्यासि।।३६।।

”آپي چيدَسي پاپيِيَهہ سَرِويِيَهہ پاپڪِرِتَمَهہ
سَرِوَمِ گِيانپِلَوينئيوَ وِرِجِنَهہ سنترِشيِيسي (٣٦)

جيڪڏهن تون سڀني پاپين کان بہ وڌيڪ پاپ ڪرڻ وارو

آهين، تڏهن بہ گيان روپي ٻيڙيءَ دواران سڀني پاپن کان بنا شڪ چڱيءَ طرح تري ويندين. انهي جو اندازو ائين نہ لڳائج تہ گهٽي ۾ گهٽا پاپ ڪري بہ تري ويندين. شري ڪرشن جو ويچار اهوئي آهي تہ ڪٿي ڀَرمَ ۾ نہ رهي تہ ”اسين تہ وڏا پاپي آهيون.“ اسان کان پار نہ لڳندو اهڙي ڪابہ گنجائش نہ ڪري تنهن ڪري شري ڪرشن اُتساهہ ۽ دلاسو ڏين ٿا تہ سڀ پاپين کي پاپن جي سموهہ کان بہ وڌيڪ پاپ ڪرڻ وارو هجي، پوءِ بہ تَتو درشين کان پراپت گيان روپي ٻيڙيءَ دواران تون بنا ڪنهن شڪ سمپورڻ پاپن کي سٺي طرح پار ڪري ويندين - ڪهڙيءَ طرح؟

यथैधांसि समिद्धोऽग्निर्भस्मसात्कुरुतेऽर्जुन।
ज्ञानाग्नि: सर्वकर्माणि भस्मासात्कुरुते तथा।।३७।।

”يَٿئيڌانسي سَمِڌِ وگنير ڀَسِمَساتِڪُروُتيرجُنَ
گياناگنِيهہ سَروَڪرماڻي ڀَسِمساتِڪُروتي تَٿا (٣٧)

ارجن! جنهن نموني ٻرندڙ اگني ڪاٺ جي ٻنڌڻ کي ڀسم ڪري ڇڏيندي آهي، ٺيڪ اهڙي طرح گيان روپي اگني سمپورڻ ڪرمن کي ڀسم ڪري ڇڏيندي آهي. هيءَ گيان جو پاڙي وارو دروازو ڪونہ آهي، جتان ڀڳيہ ۾ پرويش ملي ٿو، هورنہ هيءُ گيان معنيٰ ساڪياتڪار جي حد جو چترڻ آهي، جنهن ۾ پهرين وجاتي ڪرم ڀسم ٿيندا آهن ۽ پوءِ پراپتي سان گڏ چنتن ڪرم بہ. اُن ۾ لين ٿي ويندا آهن. جنهن کي پاڻڻو هو سو پائي ورتو، هاڻي اڳيان چنتن ڪري ڪنهن کي ڳولهيون. اهڙو ساڪياتڪار وارو ڪٿي؟ ٻاهر هوندو يا اندر؟ ان تي چون ٿا-

न हि ज्ञानेन सदृशं पवित्रमिह विद्यते।
तत्स्वयं योगसंसिद्ध: कालेनात्मनि विन्दति।।३८।।

”نہَ هي گيانينَ سَدِرشَمِ پَوِترَمِهہ وِديتي

تَتِسوَيَمِ يوگَسَنِسِڌَهہ ڪالينا تمَني وِندَتِي (٣٨)

هن سمسار ۾ گيان جي سمان پوتر ڪرڻ وارو بنا شڪ ڪجھہ بہ ڪونہ آهي. هن گيان (ساکياتڪار) کي تون پاڻ (ٻيو بہ) يوگہ جي رسيل اوسٿا ۾ (شروعات ۾ نہ) پنهنجي آتما جي انترگت هرديہ ديش ۾ ئي انڀوَ ڪندين ٻاهر نہ. هن گيان جي لاءِ کهڙي يوگيتا کپندي آهي، يوگيشور جي شبدن ۾ :-

श्रद्धावाँल्लभते ज्ञानं तत्परः संयतेन्द्रियः।

ज्ञानं लब्ध्वा परां शान्तिमचिरेणाधिगच्छति।।३९।।

”شِرڌاوانلَڀتي گِيانَمِ تَتپَرَهہ سَنيتينِدرِيَهہ

گيانَمِ لَبِڌوا پَرامِ شانِتيمِچويڻاڌِ گَڇتي (٣٩)

شرڌاوان، تيز فهم، مائل ۽ پورو پورو توڙي اندرين جي سنجم وارو پرش ئي گيان پراپت ڪري سگهي ٿو. ڀاوَ پوروڪ جگياسا ڪونهي، تہ تُتوَ درشي جي شرن ۾ وڃڻ سان بہ گيان نٿو پراپت ٿئي. فقط شرڌا ئي ڪافي نہ آهي. شرڌاوان ڪمزور ۽ الپ ٻل، هلڪي جهڪي ڪوشش ڪرڻ وارو بہ ٿي سگهي ٿو. هاڻي مهاپرش دواران سمجهايل پٿ تي دل جان سان اڳيان ٿيڻ جي لگن تمام ضروري آهي. ان سان گڏ سيني اندرين جو سنجم ضروري آهي. جيڪو واسنائن کان ڇٽل ڪونهي، اُن جي لاءِ ساکيتڪار (گيان جي پراپتي ڏکي آهي، مشڪل آهي. فقط شرڌاوان شپ وهنوار وارو سنجمي اندرين وارو پرش ئي گيان پراپت ڪري ٿو. گيان کي پراپت ڪري هو يڪدم پرم شانتيءَ کي پراپت ٿي وڃي ٿو، جنهن کانپوءِ ٻيو ڪجھہ باقي پائڻ لاءِ نٿو رهي. پوءِ هو وري ڪڏهن اشانت نٿو ٿئي، اهائي انتم شانتي آهي ۽ جتي شرڌا نہ آهي -

अज्ञश्चाश्रद्दधानश्च संशयात्मा विनश्यति।

नायं लोकोऽस्ति न परो न सुखं संशयात्मनः।।४०।।

’’اَگِيَشِچا شِرَدَڌانَشچہَ سَنِشَياتما وِنشِيتِي
نايَمِ لوڪوسِتي نہَ پَرونہَ سُکَمِ سَنِشَياتِمَنَهہ (۴۰)

اگياني، جو يگيہ جي وِڌي وشيش کان اڻ ڄاڻ آهي ۽ شِرڌا رهت ۽ ڀرمن سان ڀريل پرش هن پرمارٿ پَٿ کان ڀرشٽ ٿي وڃي ٿو. ان ۾ شڪ ۽ سنسي ۽ ڀرم ۾ ڦاٿل پرش لاءِ نہ تہ سکہ آهي، نہ وري منش شرير آهي ۽ نہ پرماتما ئي. هاڻي تَتِوَ درشي مهاپرش وٽ وڃي هنُ راهہ جي سنسن ۽ ڀرمن کان مکتي پائڻ گهرجي نہ تہ هو اُن وستوءَ جي واقفيت ڪڏهن ڪونہ پائيندا. وري پائي ڪير ٿو:َ

योगसन्न्यस्तकर्माणं ज्ञानसञ्छिन्नसंशयम्।
आत्मवन्तं न कर्माणि निबध्नन्ति धनञ्जय।।४१।।

’’يوگہَسَنِنيَسِتَڪَرِماڻَمِ گِيانَسَڇِنَنَسَنشَيَمِ
آتِموَنتَمِ نہَ ڪَرِماڻي نِبَڌِنَنِتي ڌننَجيہَ (۴۱)

جنهنجا ڪرم يوگہ دواران ڀڳوان ۾ گڏ ٿي چڪا آهن، جنهنجو سمپورڻ سنسو ۽ شڪ پرماتما جي پوري ڄاڻ سان نشٽ ٿي ويا آهن، پرماتما سان گڏجي ويا آهن اهڙي پرش کي ڪرم نٿا ٻڌن. يوگہ جي دواران ئي ڪرمن ۾ شانتي اچي ٿي. گيان سان ئي سنسو نشٽ ٿيندو. انڪري شري ڪرشن چون ٿا:-

तस्मादज्ञानसम्भूतं हृत्स्थं ज्ञानासिनात्मनः।
छित्त्वैनं संशयं योगमातिष्ठोत्तिष्ठ भारत।।४२।।

’’تَسِمادَ گِيانَسَمڀوُتَمِ هِرِتِسِٿَمِ گِيانا سِناتِمَنَهہ
ڇِتِوَئينَمِ سَنِشَيَمِ يوگماتِشِٺوتِشِٺَ ڀارت (۴۲)

ان ڪري ڀرت ونشي ارجن! تون يوگہ ۾ اسٿت ٿيءَ ۽ اگيان کان اُتپن ٿيل هردي ۾ پڪي ٿيل ان سنسي ۽ شڪ کي گيان روپي تلوار سان ڪٽي ڇڏ. يڌ جي لاءِ اُٿي کڙو ٿيءَ. جڏهن ساڪياتڪار ۾ رڪاوٽ سنشيہ روپي دشمن من ۾ اندر

آهي، پوءِ ٻاهر ڪوئي ڪنهن چو لڙندو؟ حقيقت ۾ جڏهن توهين چنتن پٽ تي هوشيار ٿيو ٿا، تہ سنسي مان پيدا ٿيل ٻاهريون پرورتيون رڪاوٽ جي روپ ۾ سپاويڪ آهن. اُهي دشمن جي روپ ۾ پينڪر حملو ڪن ٿيون. سنجم سان يگيہ جي خاص وڏيءَ جو وهنوار ڪندي انهن وڪارن جو پار پائڻ ئي يڏ آهي، جنهنجو نتيجو پرم شانتي آهي. اهائي آخرين وجيہ، سوپ آهي جنهن جي پنيان هارائڻ ڪونهي.

تاتپرج:-

هن اڌياءَ جي آرنڀ ۾ يوگيشور شري ڪرشن چيو تہ هن يوگ ـ کي شروع ۾ مون سورج کي چيو، ٻڌايو، سوريہ منوءَ کي ۽ منوءَ اڪشواڪو کي ٻڌايو ۽ راج رشين بہ ڄاتو. مون ۽ اويڪت استتيواري چيو. مهاپرش بہ اويڪت سوروپ وارا ئي آهن. شرير تہ هن جي رهڻ جو مڪان وانگر آهي. اهڙن مهاپرشن جي واڻي ۾ پرماتما ئي هلندو رهندو آهي. اهڙي ڪنهن مهاپرش کان يوگہ سوريہ دواران چرپر ٿيندي آهي. اُن پرم پرڪاش روپ جو پرسار ديوتائن جي امرت دواران اندر ۾ ٿيندو آهي، تنهنڪري سوريہ کي ٻڌايائون. سواس ۾ چرپر ڪري اُهي سنسڪار روپ ۾ اچي ويا. سُرا ۾ سنچت رهڻ تي، وقت اچڻ تي اهوئي من ۾ سنڪلپ بڻجي اچي ويندا آهن. اُنجو مهتو سمجهڻ تي من ۾ اُهي جملي جي لاءِ اچا جاڳرت ٿيندي آهي ۽ يوگہ ڪاريہ جو روپ وٺندو آهي. سلسلي سان اُٿان ڪندي ڪندي هيءُ يوگہ رڌين سڌين راج رشيءَ جي در جي تائين پهچڻ تائين نشٽ ٿيڻ جي حالت ۾ وڃي پهتو آهي، پر جي پيارا ڀڳت آهن، اننيہ سکا آهي. ان کي مهاپرش سنڀالي وٺن ٿا.

ارجن جي سوال ڪرڻ تي تہ توهانجو جنم تہ هاڻي ٿيو آهي. يوگيشور ڪرشن ٻڌايو تہ اويڪت، اوناشي، اجنما ۽ سيني

پدارٿن ۾ هلندي چلندي بہ آتم مايا يوڳہ پرڪريا دواران پنهنجي ترڳڻ مئي پرڪرتي کي وس ۾ ڪري مان پرڳهٽ ٿيان ٿو. پرڳهٽ ٿي ڪريو ڇا ٿا؟ شڀ وستن کي واڌ ڏيڻ لاءِ يا جن سان اشڀ اپوتر اُٿپن ٿئي ٿو اُنهن کي ناس ڪرڻ لاءِ، پر ڌرم پرماتما جو استر ڪرڻ لاءِ مان شروع کان ئي پورڻتا سان پرپور پيدا ٿيان ٿو. منهنجو اهو جنم ۽ ڪرم شڀ آهن، پوتر آهن اُن کي صرف تَتوَدرشي ئي ڄاڻن ٿا. ڀڳوان جي حاضري ۽ ظاهر ظهور پرڪاش تہ ڪلجڳہ جي اوسٿا مان ئي ٿي ٿو وڃي، جيڪڏهن سچي لڳن هجي، پر نئون نئون ساڌڪ سمجهي ئي نٿو سگهي تہ هي ڀڳوان ڇئي رهيو آهي يا ائين ئي اشارا ملي رهيا آهن. آڪاش مان ڪير ٿو ڳالهائي؟ مهاراج جي ٻڌائيندا هئا تہ جڏهن ڀڳوان ڪرپا ڪري ٿو تہ آتما جو سارٿي ٿي ٿو وڃي تہ ٿنڀي مان، وڻ مان، پتي مان، سڀ جي هر جڳهہ تان ڳالهائين ٿا ۽ سنڀالين ٿا. اُتان ٿيندي ٿيندي جڏهن پرم تَتوَ پرماتما ظاهر ٿي وڃي، تڏهن ڇهڻ سان ئي هو صاف سمجهي ٿو سگهي. ان ڪري ارجن! منهنجي اُن سوروپ کي تَتوَدرشين ڏٺو ۽ مونکي ڄاڻي هو يڪدم مون ۾ گهڙن ٿا، پرويش ٿا ڪن، جتان وري آواگمن ۾ نٿو اچي.

ان طرح انهن ڀڳوان جي حاضري، ظاهر ظهور پرڪاش، جي وِڌي ٻڌايو تہ ڪنهن انوراڳي جي هردي ۾ ٿيندو آهي، ٻاهر اصل نہ. شري ڪرشن ٻڌايو تہ مونکي ڪرم نٿا ٻڌن ۽ انهي ليول سان جو ڄاڻي ٿو، اُن کي بہ ڪرم نٿا ٻَڌن.

اهوئي سمجهي گيان جي تڪي اِڇا وارن پُرش ڪرمن جو آرنڀ ڪيو آهي تہ اسين اُن حد تائين ڄاڻنداسين تہ جيئن شري ڪرشن، اهڙائي اُن حد کي ڄاڻڻ وارو اُهو پرش ۽ ڄاڻي ونڻ تي اهڙوئي هو مُمُڪش ارجن. هيءُ گيان نشچت آهي،